# سِنڌُو

(ناٽڪ)



سُندري اُتمچنداڻي

# سنڌو

## (ڏهه نندا ناٽڪ)

ليکڪا

## سندري اتمچنداڻي

سال ٥١ - چيٽي چنڊ]   اپريل-مي-جون ٢٠٠٠   [ڪتاب ٻيون

قيمت سٺ رپيا

A. J. UTTAM
12/B 2 ... Colony,
Near ... Mumbai-16,
Phone No. 444 11 30.

ڇپائيندڙ

نئين دنيا پبليڪيشن

بي-٩، فلورينا، سيتلاديوي ٽيمپل روڊ،

ماهيم، ممبئي - ٤٠٠٠١٦

فون : ٤٣٧٤١٢٦

# Sindhu

(Dramas)

by

# Smt. Sundri Uttamchandani

Go to the Index page and click the page number of the story that you wish to read

C/o Asha Chand
+91 9769313331 , +91 9821473200,
+971 50 4506739
www.Sundriuttam.com
www.SindhiSangat.com
info@SindhiSangat.com

# فهرست


| نمبر | ناٽڪ | صفح |
|---|---|---|
| | مهاڳ | ٥ |
| ١ | وڻجارو | ٩ |
| ٢ | گل ۽ ڪنڊا | ١٨ |
| ٣ | ساهيڙي | ٣١ |
| ٤ | سنڌو | ٤٦ |
| ٥ | نئين ڪنوار | ٥٥ |
| ٦ | اُسات | ٧١ |
| ٧ | دل جي ڏي وٿ | ٨٠ |
| ٨ | تڙق | ٨٤ |
| ٩ | املهه ماڻڪن جو واپار | ٩٠ |
| ١٠ | ڪرنڊڙ ديوارون | ٩٧ |



**Sindhu** (10 One Act Plays)

By Sundri Uttamchandani - **Chetl Chand'2000**

Publisher : Naeen Duniya Publication, B-9 Florina, Sitladevi Temple Road, Mumbai - 400 016.

Cover Design : Artist Kukreja Lachhman 'Musafir' Ulhasnagar - 421 005. Phone : 0251-526026

**Printer :- SUDHA OFFSET PRINTERS**
**25, Prince Market, Ulhasnagar - 421 003. ☎ 560465**

# مهاڳ

شريمتي سندري اُتمچنداڻي، ناول-نويس ۽ ڪهاڻي-نويس طور تہ سنڌ ۽ هند ۾ خوب مشهور ۽ مقبول آهي، جو جو سندس ڏزن کن ڪتاب ور ور ڪري ڇپي ٻنهي هنڌ ڇپيا آهن. پر لکڻ کانسواءِ سندري ترقي پسند تمورتي ليکڪن وانگر، پروفيسر پوپٽي هيرانندڻيءَ سان گڏ، ٥٠ سالن کان ساهتڪ ۽ ڪلچرل (سنڌيت) هلچل ۾ بہ سرگرم رهي آهي. هُوءَ سنڌي ساهت منڊل جي بہ هڪ مکيہ ڪاريہ‌ڪرتا هئي. منڊل جيڪي ١٩٥١ کان ممبئيءَ ۾ ٿي ساهتڪ سميلن ڪوٺايا ۽ ڪلچرل پروگرام ڏنا، تن ۾ سندري پڻ پوپٽي، ڀڳونتي ناواڻيءَ سان گڏ، ڪورس گيتن ۾ بهرو ورتو هو ۽ خود اِپٽا (انڊين پيپلس ٿئيٽرس اسوسيئيشن) جي هندي گيتن تي سنڌي گيت ناهيا هئا. (پڙهو نئين دنيا جا ١٩٥٢ جا پرچا)

حقيقت ۾ سندري اُن وقت بلراج ساهنيءَ ۽ اي.ڪي. هنگل سان گڏ اِپٽا ۾ بہ ويندڙ هئي ۽ هنگل سان گڏ ٽئگور جي هندي ناٽڪ 'مالني' ۾ ماءُ جو پارٽ بہ ادا ڪيو هو، اُن مان هُن جي ناٽڪي ذات معلوم ٿئي ٿي. جڏهن سنڌي ساهت منڊل ٽي سال (٥١-٥٢-١٩٥٣) سنڌي گيت، نرت ۽ ناٽڪ جي پروگرامن بعد ١٩٥٨ ۾ ٻن مشهور ناٽڪن جو پروگرام ڏنو، تڏهن

هڪ هو سنڌريءَ جو لکيل ۽ ڊئريڪٽ ڪيل مذاقي ناٽڪ ’املهہ ماڻڪن جو واپار‘ (جو ڏيتي ليتيءَ جي ڪوڪلائپ بابت هو) ۽ ٻيو مالهيءَ جو منشي پريمچند جي شاهڪار ڪهاڻي ’ڪفن‘ تي جوڙيل ۽ ڊئريڪٽ ڪيل گنڀير ناٽڪ ’ڪفن‘. پهرئين ۾ منڊل جي ليکڪائن (سنڌري، ڪلا، مايا، ديوي مورڏاني) ۽ ٻوئين ۾ ليکڪن (ڪيرت، موتي پرڪاش، موهن گيهاڻي، هيرو ڇاٻپار، مدن ۽ جي. ايشوُ) ڀاڱہ ورتو. ٻئي ناٽڪ ڏاڍو ڪامياب ويا ۽ منڊل ۽ رنگہ منچ جي اتهاس ۾ نئون ورق ورايائون.

انهن ٻن ناٽڪن جي يگاني سوڀ ڪانپوءِ سنڌي ساهت منڊل، سنڌي ڪلاڪارن لاءِ جدا سنڌي ڪلاڪار منڊل ٺاهڻ لاءِ سٽن ليکڪن — گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي (سيڪريٽري)، اي.جي. اُتم، ارجن شاد، ڪرشن راهي، سڳن آهوجا ۽ موتي پرڪاش جي ڪاميٽي ٺاهي وئي، جيئن پريم پرڪاش پنهنجي ناٽڪ لاءِ لکيل ٿيسز جي ڪتاب ۾ ٻہ چيو آهي. اُن سنڌي ڪلاڪار منڊل جو مهورتي اُتسو پروفيسر ايم. يوُ. ملڪاڻيءَ جي صدارت هيٺ ٢٣ اپريل ١٩٥٩ تي ٿيو. اُن ۾ هڪ انگريزي ليکڪ جي. بي. پريسٽلي جي ناٽڪ تي جوڙيل مالهيءَ جو ناٽڪ ’نمي‘ ۽ هندي ليکڪ اُپيندرنات اشڪ جي ناٽڪ تي ڪرشن راهيءَ جو ناهيل ’ناٽڪ‘ ناٽڪ ۾ ڪاميابيءَ سان پيش ڪيو ويو. (پڙهو نئين دنيا - مي ١٩٥٩)

اِن سنڌي ڪلاڪار منڊل جي ناليءَ مان سنڌي لفظ ڪڍي گوبند مالهي هلائڻ لڳو، جنهن ۾ سندري اُتمچندا‌ڻي بہ شامل هئي. سندريءَ کي تہ مالهيءَ پنهنجي فلم 'سنڌوءَ جي ڪناري' ۾ بہ پارٽ ڏنو هو. سندريءَ پوءِ رميش جاجاڻيءَ جي 'سنڌو آرٽ ٿيئيٽر' جو مهورتي اُتسو پڻ ۱۹۶۵ ۾ پنهنجي 'سنڌو ناري سڀا' پاران ڪيو هو، جنهن ۾ هُن پاڻ بہ پارٽ ورتو هو. اِن مان سندريءَ جي ناٽڪ ۽ رنگہ منچ جي ڪيتر ۾ ڪيل ڏين بخوبي ظاهر آهي.

سندريءَ 'املهہ ماڻڪن جو واپار' (۱۹۵۷) کانپوءِ ٻيا ڪيترا ننڍا ناٽڪ لکيا، جيڪي اڪثر نئين دنيا ۾ ڇپيل آهن. اُنهن مان 'وڻجارو' (۱۹۵۹) تہ سنڌ ۾ مهراڻ، ٽماهي ادبي رسالي ۾ بہ ڇپيو هو. سندس ٻيو ناٽڪ 'سگهڙ ڪنوار'، سنڌ جي 'ماروئي' مخزن ۾ بہ ڇپيل آهي. 'وڻجارو'، 'سنڌو' ۽ 'ساهيڙي' ناٽڪ ريڊيو تان پيش ڪيل آهن. 'ساهيڙي' ناٽڪ تہ دهليءَ جي سنڌو ڪلا سنگم وارن بہ پيش ڪيو هو. اُهو ناٽڪ ساهتيہ اڪاڊميءَ طرفان ڪڍيل سورهن چونڊ سنڌي ناٽڪن جي مجموعي ۾ بزرگن، ٻيوس، ناگراڻي، ايم. يوُ. ملڪاڻي، پروفيسر رام پنجواڻيءَ سان گڏ ورهاڱي بعد لکيل ٻارهن ناٽڪن ۾ شامل ڪيل آهي. 'ساهيڙي' ناٽڪ ۾ سندريءَ سَسُ ۽ نُنهن جي جهيڙي جو حل ساهيڙيپ ۾ ڏيکاريو آهي، جيڪو نئين زماني سان نهڪندڙ ٿو لڳي.

هن مجموعي ۾ سندريءَ جا ڏهه ناٽڪ آهن، جيڪي سنڌي جيوت جي بخوبي ترجماني ڪن ٿا ۽ پيار، شادي، ڏيتي ليتي، سنڌي ٻولي، ورهاڱي جو درد، سنڌيت ۽ آتنڪواد وغيره تي روشني وجهن ٿا. سندريءَ جي ناول 'ڪرنڌڙ ديوارون' جي آڌار تي لکيل ريڊيو ناٽڪ ته ورهاڱي بعد ڀارت ۾ سنڌين جي ڪشمڪش ڪشالن جي درد جو لاثاني چٽر آهي، جيڪو ناول وانگر خوب پسند پوندو.

سندريءَ جي ٻولي ته ٺهڪندڙ ۽ محاوريدار آهي ئي، جيئن پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي هن جي ناٽڪ 'سنڌو' لاءِ نئين دنيا ۾ رايو لکيو هو، 'سندريءَ جي لکيل سنڌي ٻولي پڙهي دل ٺري پيئي. چا ته محاوريدار گفتگو آهي ناٽڪ ۾. دولت ماءُ جو ڪردار به واه جو آهي!' اِن ناٽڪ لاءِ ٻئي ليکڪ سريش دادلاڻيءَ 'جگتڙ' نئين دنيا '(مي-١٩٦٢) ۾ رايو لکيو ته، 'پيڻ سندريءَ جو 'سنڌو' ريڊيو ناٽڪ ڏاڍو سٺو هو. هيءَ پيڻ سچ پچ امرتا پريتم ۽ مهاديوي ورما جون سِڪون ٿي لاهي. اڄ جي پاٺڪن جو هنن ناٽڪن بابت ڇا رايو آهي، اُن لاءِ اسين انتظار ڪنداسين.

جئه سنڌي!                اي.جي. اُتم

# وڻجارو

## (شاهه لطيف جي سامونڊي سُر تي ٻڌل سنگيت روپڪ)

## (نظارو پهريون)

(سنجها جو سمو. وڻجاريون درياشاهه جي پوڄا لاءِ ڪکن تي ڏيا رکي پلئه سان ڍڪي اچي ڪنڌيءَ تي وهيون آهن. لهرون ڪناري سان ٽڪرجي مڌر سنگيت پيدا ڪري رهيون آهن.)

ليلان (وجد ۾ اچي) :

اُڀيون تڙ پوڄين وَهون وڻجارن جون
آڻيو اڪا ڏين ڪٿوري سمونڊ کي.

شامي (ليلان کي) : سڀ ڏيا درياهه ۾ نه تاري ڇڏج، اجا هڪ ڏيو ڌرتي ماتا کي به ارپڻ ڪرڻو اٿيئي.

ليلان (پنهنجي خيال ۾) :

جر تر ڏيا ڏي وڻ ٻڌي وانئيون

الا ڪانڌ اچي آسائتي آهيان.

شامي : ائين جُهڙين چو پيئي ليلان، اسان ڏي تہ ڏس، منهنجي گهوٽ کي وئي اڄ ٻريا بہ سال اچي ٿيا آهن.

(ٿڌو ساهہ ٻري ٿي)

ليلان :

ساموندي ساري مٽي تر گذاريان

مونکي ٿي ماري انهن سندي ڳالڙي.

شامي (ٿڌو ساهہ کڻي) : هائو ليلان، منهنجي بہ اها ئي حالت آهي.

ساموندڪو سگهہ آهي گوندر گاڏئون

انگن چاڙهي اکہ وئو وڻجارو اوهري.

ليلان : نرانمر! چون ٿا پوئي صبح جو هڪ جهاز اچڻو آهي، رات تہ هونءَ ئي گهٽي گذري چڪي آهي، اڄ اتيئي ويهي ٿيون رهون. هوڏانهن نهار، ٻيون بہ گهڻيئي آسائتيون اکيون کنيو ويٺيون آهن.

شامي : ليلان! ڪهڙي نہ شانتي لڳي پيئي آهي. پاڻيءَ مٿان چنڊ تہ ڏس ڪيئن پيو چمڪي، ليلان هن ويل هو اچي تہ ڪيئن!

جيڪر اچي هاڻ تہ ڪريان روح رچنديون،

آيل ٻولئي ساڻ هند ڳر لڳي ڳاليون ڪريان.

ليلان : ۽ مان خبر اٿيئي ڇا ڪريانس؟ مان جيڪر پهرين تہ خوب وڙهانس ....

آيل ڊولئي ساڻ اڇي تہ جهيڙيان

لاٿيءَ ڏينهن گهٽان مون سين ڪيئہ ٿورڙا.

شامي : هائو ليلان، ٻاهران ٿي سڀ چوين، اندر ۾ تہ ائين ئي پيئي چوين.

وانءَ وڃي واٿ هينئڙا ماڳہ پرين جو

ڇميو ڇم ڇائٺ هوءَ جا سندي سڄڻين.

ليلان (ٿڌو ساهہ کڻي) : بس نرانم!

آئون جن آساري مٿي تڙ گذاريان

مون کي وساري شال ۾ وِهن اوهري.

شامي :

لاهيان جي نہ ڇتاءَ الا اُن م وسران

مڙهئو منجهاراءَ جيءَ منهنجو جن سين.

ليلان :

ڇتاءَ جي نہ ڇرن الا اُن م وسران

مون من آهي تن مڙهيو منجهارا هئين

شامي : ليلان او ليلان، هوڏانهن تہ نهار، وهائو تارو پيو چمڪي، اڇها رات ويئي کي ويئي.

ليلان (وجد ۾) : اڙي نرانم! ڏس تہ پريان جهاز پيو اچي ....

شامي : هائو مون کي بہ بيرقون لڏنديون پيئون ڏسڻ

ﮞ اچن -

واٽنڊيون ڦيون ورڪن اچا سڙه نہ پڏرا
سيئي ڦيون مرڪن جنين سندا آئيا.

(جهاز جي اچڻ جو گوڙ شور)

ليلان (خوشيءَ مان ٽڪڙا ساه کڻي) : اوه!

کوهن سر واٽنڊيون واٽنڊين سر ڳنڍ
ڪيڙي ڪيڙي ڪنڌ ماءَ سامنڊي آئيا.

وڻجاري جي ماءُ (پري کان ايندي) : اڙي ليلان! ڏيءَ شامي! اتي ڇا ويليون ڪريو؟

ليلان : اما ڏسين ڪين ڦي، جهاز جا لاڄون ۽ واٽنڊيون پيئون نظر اچن.

لاڄون ڦا لون اچن سڙه اُپٽيا
ڪارڻ تن پرين ويني وات نهاريان.

وڻجاري جي ماءُ : اڙي آنءَ، جهاج تہ ڏسجي پيو. پڻڙو بہ سامهون پيو ڏسجي. واه منهنجا ناڪر لکہ ڦورا تنهنجا.

ڪاريءَ ڪيڙائو مٽي مني موٽيا
سودو ڪن نہ سون جو وڏا وهائو
موتي جي مهراڻ جا تن جا طامائو
ساموندي سائو - لنڪا لوپي آئيا.

ليلان (خوشيءَ ﮞ) :

جنين ڪارڻ مون تر پوڇارا پوڇيا،
ڦنيم اميدون سيئي سڄڻ آئيا.

(جهاز جو ڪناري سان لڳڻ. ماڻهن جو گوڙ شور.
سامان لاهڻ ۽ ڪولين لاءِ رڙو رڙ.)

ليلان : نِرانم، تنهنجو گهوٽ تہ هن ٻيري آيو ڪين ٿو ڏسجي.

شامي (ڏکويل آواز ۾) : ٻائڙو آيو آهي اهو بہ چڱو ٿيو.

وڻجارو (خوشيءَ مان) : اما .... شامي! .... ليلان (پاٻوه مان) ليلان ويجهي آءُ، اتي پير سان مٽي چا لاءِ پيئي ڪوٽين! (هنجو اڱيان وڌڻ ۽ ڊگهو ساه ڪڍڻ. ليلان جو خوشيءَ ۾ سڏڪا پرڻ) ڏس تو لاءِ چا چا آندو اٿم، سونا ايرينگ، موتين جا هار ....

وڻجاري جي ماءُ : ڌيءَ، هيءَ ٿالهي ڪٽي ناريل مصري وراهي وٺ.

ليلان (ٿالهي وني بود ۾ پرجي) :

اڳڻ آئيا جان تہ سرتيون مون سڪ ٿيا،
اصل پرينءَ مٺاءِ ٻرڪيو ٻئن ڏيان.

ليلان : نرانم اُٿ، تون بہ هل تنهنجا بہ سکيا ڏينهن جلد ايندا.

شامي :

اوڙاه وڻان نہ ورٽا آءَ تنهن ماري ويڻ
ڪري ساموندي سيڻ جسي جار پرائيو.
(سڏڪا ڀري روئي ٿي)
سر لوهيڙا ڳيٺا ڪسر نسرٺا
تو ڪيئن وسرٺا ڍولٺا ڏينهن اڇڻ جا

(وڏيڪ سڏڪا)

ليلان : اٽ شامي!

شامي :

اُيي اوسهہ ياٽيان ڪارڻ وڻجاري
گهڻو اُڪنڊي آهيان پريءَ پنهنجي ڪي
آسائتي آهيان الا ڪانڊ اچي .....

ليلان : نہ روءُ شامي - اُٽ تہ هلون.

وڻجارو (پري کان) : ليلان ليلان.

ليلان (تڪڙ ۾) : هل شامي هو سڏي پيو.

شامي (سڏڪن وچان) : نہ تون وڃ (ليلان وجي ٿي)

اسان اُڏارا آٽي آونگہ چاڙهيا
منهن ڏيئي مون آئيا سمها سيارا
اُپرن سيڪارا پسيو وَرَ ٻين جا.

(دکہ ڀريو سنگيت، آهستي جهڪو پوندو ٿو وڃي.)

## (نظارو ٻيون)

(وڻجارو ٻيڙيءَ جا سڙه پيو سنباهي ۽ هلڪو گنگنائي پيو.)

ليلان (ڊوڙندي سهڪندي) : شامي او شامي، ڏسين ٿي چا ٿو ڪري! اجا آئي ڏينهن گهڻا ٿيس جو ٻيڙيءَ کي وينو سنباهي. منهنجو تہ من منجهي پيو آهي ....

آئي اُتر هند هيين اُٻڪو نہ لهي

وٺين لاجو بند ٻيهر مکين پيڙيون.

(روئي ٿي)

وڻجارو : ليلان، او ليلان. اُٽ .... دل نہ ننڍي ڪر. هن ڀيري تو لاءِ ڏسج ڇا ڇا ٿو وٺي اچان. اُڇا اُڇا ڪپڙا، سپيءَ جا هار ....

ليلان (روئندي) : نہ کپن مونکي هار ۽ ڪپڙا ....

لاهيندا ئي ڪَنِ ڳالهيون هلڻ سنديون
ڏيندا مون ڏکن وِھ وجهندا چندڙو.

وڻجارو : ڏاهي ٿيءُ ليلان! ائين تہ منهنجو بہ من وس کان نکري ويندو .... بس هاڻي سڀ ڪجهہ تيار آهي. هلو ليلان! اما! شامي هلو بندر تي ....

شامي : هل ليلان پنهنجي سڄڻ کي ڪناري تائين تہ اپرائي اچ.

ليلان :

ڏِني ڏياري سامنڊين سڙھ سنباھيا
ان کي مند اتر جي اوچتي آئي
وڻجارن وائي آهي پرينءَ پار جي.

وڻجارو : ليلان، اما، شامي سڀ هلو، ٻيڙين هاڪارڻ ۾ باقي ٿوري دير آهي.

ليلان (روئندي) :

سيئي جوين ڏينهن جڏهن سڄڻ سفر هلئا
رئان رهن نہ سِپرين آيل ڪريان ڪيئن

مون کي چاڙهي چي ويو وڻجارو اوهري.
(سامان کڻي سيئي ٻاهر درياه وٽ اچن ٿا.)
شامي : کهڙيون نہ سهڻيون ٻيڙيون درياه ۾ لاٿيون اٿن ليلان.
ليلان :

وڻجاري جي ماءُ وڻجارو نہ پلين
آيو ٻارهين ماهہ پڻ ٿو سفر سنبهي
(سڏڪا)

وڻجارن وري پرهہ پڳهہ چوريا
اوليون پسي ان جون پيرا ڳيچ ڳري
ويندس ماءُ مري ساري ساموندين کي.

شامي : امي، ليلان جو تہ حال ڏس، ونجهہ کي جهلي بيني آهي.
وڻجاري جي ماءُ : ڏاهي ٿيءُ ليلان ڌيءَ .... (روئي ٿي.)
شامي : الوڙڻ نہ ڏئي ور وڌائين ونجهہ کي.
ليلان :

رهہ اڄوکي راتڙي لالن مون لائي
وڃ مَ ڦورائي ايڏي سفر سپرين

شامي : اما ڏس تہ

ڳريو جهليو روءَ مٽي مهري هٿڙا

ليلان : کوءَ سودو سندوءَ جوتو ڀوليا سکيو.
(جهاز ۽ ٻيڙين جي وڃڻ جو آواز - دکہ ڀريو سنگيت)

وڻجاري جي ماءُ :

ننگر ۾ ناريون پڳهہ ڪٽي پنڌ پيا
بندر بازاريون سچا ساموندين ري.

ليلان (روئندي) : اما ....

مون اُيي تر وٽ پرين پڳهہ چورئا
ڪا منهين ۾ گهٽ نات سچڻ سپاجها گهٽو.
جي تون وڻجارو ڪانڌ تہ مون هِڏ مَ لائون لذيون
پرڏيهہ مٽي سانگہ آنهي پهر جنهن ڪيو
(سڏڪا)

ليلان (تڙڦندي) :

وجيئي وسري شال جو تو سودو سکيو
اجا آئين ڪال پڻ تون سفر سنبهين.

❋ آل انڊيا ريڊيو جي بمبئي استيشن
تان براڊڪاسٽ ٿيل.

[نئين دنيا (١٩٦٠) ۾ مهراڻ (سنڌ) ۾ ڇپيل]

# گل ۽ ڪنڊا

(ٻن ڪمرن وارو رواجي سجايل گھر آهي. هڪ ۾ ڏائي پاسي کٽ آهي، جنهن تي ستن سالن جو ٻار سمهيل آهي. ساڄي پاسي هڪ ميز ۽ ٻه ڪرسيون، اڳيان رنڌڻي جو سامان رکيل آهي. ميز تي ڪتاب، سامهون الماڙيءَ ۾ ٻه ڪتاب. گهڙيال ۾ رات جا نوَ ٿا لڳن ۽ وچولي عمر جي هڪ استري 'پدما' اِسٽؤ تي رکيل ديگڙي کي هٿ لائي پڪ پڪ ڪري ٿي.)

پدما (پاڻکي) : ڪاڏو ٻه نري ولهہ ٿي ويو جي ڪٽي موٽي. (هوءَ غصي ۾ اچي کٽ تي ويهي ٿي. گهڙيءَ رئي جي ڪنڌ کي پيئي آڱر تي ويڙهي تہ گهڙيءَ چوٽيءَ ۾ پيئي ٽڪڙو وڙُ وجهي. سندس هر هر در ڏانهن نهارڻ مان لڳي ٿو ڪنهنجو انتظار اٿس. ٻاهر ڪتا ڀؤنڪن ٿا.

هوءَ ڪمري جي وچ ۾ اچيتي بيهي، پر ڪنهنجي نہ اچڻ
ڪري پريشان ٿي اخبار کڻي پڙهڻ ويهي رهي ٿي.
ٻار ننڊ مان اُٿي ٿو.)
ٻار : امي پاڻي!
(پدما اخبار ڪرسيءَ تي سٽي پاڻي گلاس ڀري ڏئيس
ٿي.)
ٻار : ٿورو آهي.
پدما (ويچارا ڏيئي) : تولو آهي! پي تہ ٻيو مليئي ٿو.
ٻار : امي گلاس وٺ.
(پدما جوش ۾ گلاس کڻي اچي ٿي زور سان ميز تي
رکي تہ گلاس ڀڄي ٿو پوي. پدما ڪرسيءَ تي ويهي
منهن ٻنهي هٿن ۾ جهلي روئي ٿي.)
ٻار (آهستي اچي ميز تي چڙهي ٻئي ٻانهون ماءُ جي
ڳلي ۾ وجهي) : امي! روئين ڇو ٿي؟
پدما (پلؤ سان ڳوڙها اُگهي) : ڪٿي ٿي روئان!
(هوءَ پٽ کي گود ۾ کڻي وڃي کٽ تي وِهي ٿي.)
ٻار : ها، ها، تون روئين پيئي، دادا ڪونہ آيو آهي نہ.
(پدما ڪنڌ سان ناڪار ڪري ٿي.)
ٻار : ٻلا مان دير سان ايندو آهيان تہ تون رئندي آهين؟
پدما : چپ ڪر لُچ.
ٻار (مٽون ڦنڊائي) : مونکي تہ ماريندي آهين، هاڻي
دادا کي؟

(در تي ڪڙڪو ٿئي ٿو ۽ ڪندن هٿ ۾ ڪجهه ڪتاب ۽ مخزنون کنيو اندر گهڙي ٿو. پدما اُٿي وڃي اِسٽؤ ٻاري ٿي.)
ڪندن (ڪتاب ميز تي سٽي، ٻار کي) : شيطان اڃا جاڳين پيو؟
ٻار (پيءُ جي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي) : دادا، امي ءِ رنوا!
ڪندن (ٻار کي ڪٽي رنڏٽي وٽ اچي) : اڙي، سچ تو رنوا چو رنئه؟
پدما : منهنجي روئڻ نہ روئڻ جي پرواه ڪنهنکي آهي. (پنيان يت ۾ گهڙيال ڏي نهاري ٿي. ڪندن بہ نهاري ٿو.)
ڪندن : پدما! ڪيتري بہ نہ ڪٽي تڪڙ ڪر تہ بہ هي تنهنجو گهڙيال نوَ ضرور وڄائي ڇڏيندو.
پدما (غصي ۾ ٿالهي ميز ڏي ڪٽي ويندي) : سيڪو پنهنجي عادت ڪان مجبور آهي.
ڪندن (مرڪي) : راٽي! تون بہ؟ .....
پدما (غصي ۾) : مونکي توهان وانگر ميٽنگون مشاعرا ٿوريئي آهن.
ڪندن : اڄ پارو مڙيون ئي چوٽ چڙهيل آهي. ڪنهن خاص برف جو انتظام ڪرٽو پوندو.
ٻار (پيءُ جو منهن پاڻ ڏي ڦيري سندس هنج ۾ ويٺي ئي) : دادا! مان بہ برف جو پاٽي پيئندس.

ڪندن (ڪلي روئيءَ جي ميز طرف ويندي) : ٻڌين ٿي تنهنجي لاڏلي جون ڳالهيون؟
پدما : جنهنکي موچڙن کنيو هوندو سو ٻيو ڇا چوندو.
ڪندن : اِندرا ۽ اشوڪ ڪٿي آهن؟
پدما : شڪر جو مهمان ياد ته آيا توهانکي!
ڪندن : اڄ چا تي گرم ٿي ويئي آهين؟ هن ٻار کي ٻه رسائي ڇڏيئه. ڳالهه ڪر آهي ڇا؟
پدما : هوندو منهنجو سر. اِندرا ۽ اشوڪ توهان لاءِ ويهي ويهي نيٺ ڪلب ۾ ڊانس تي هليا ويا.
ڪندن : مون لاءِ ڇو وينا؟ مان ته ڪلب ۾ ڪونه ويندو آهيان.
پدما (ٺٺوليءَ جي نموني ۾) : توهين ڇو ڪلب ۾ ويندا. توهانجون ڪلبون آهن سيائون ۽ منڊل. وس پڄيو ته جيڪر سڄو ڏينهن اُنهن ئي تماشن ۽ ملاڪڙن ۾ گذاريو.
ڪندن (گنڀير نوع ۾) : تون ڀل ٺٺولي ڪر، ليڪن جنکي تون تماشو ۽ ملاڪڙو ٿي چوين، تن مان ئي اسانجي جاتيءَ ۾ جاڳرتا پيئي اچي ۽ نه ڪلبن جي ناچن ڳانن مان.
پدما (جوش ۾) : پوءِ ته سڄو ڏينهن وڃي منڊلن ۽ سيائن جو ڪم ڪريو نه، ڪير ٿو جهليوَ؟
ڪندن (درديلي نوع ۾) : اهڙو خوش نصيب ڪٿي آهيان. روز ٨-٩ ڪلاڪ ته آفيس ۾ هليا وڃن، باقي ٻه ٽي ڪلاڪ مس ٿو جاتيءَ جي ڪاريه کي ڏيئي سگهان.

پدما : چڱو، روٽي کائو تہ ٺري نہ وڃي. (ڪندن ۽ پدما روٽي کائڻ شروع ڪن ٿا، پر ٿوري وقت ڪانپوءِ ڪندن روٽي اڌ ۾ ڇڏي وڃي ميز وٽ ڪجهہ لکي ٿو. پدما ڪجهہ وقت ڪيس صبر ڪري ڏسي ٿي. نيٺ غصي ۾ اڳيان وڃي چيلهہ تي هٿ رکي وڃي پرسان بيهيس ٿي.)

ڪندن (ٿوري ۾ پرجي) : پدم! ٻن منٽن ۾ اڌ شعر ٺهي ويو. ٻڌندينءَ؟

’سنڌ منهنجيءَ جا سلا ٿيندا وڃن ٿا وڻ ڏسو ....‘

پدما (وچڙ ڪٽي، هٿ جوڙي) : ڪمال آهي! روٽي پيئي ٺري، توهين وينا آهيو شعر لکڻ!

ڪندن : اڙي پدم! سياڻي سنڌونگر ۾ زبردست مشاعرو آهي. اتي هيءُ شعر پڙهڻو آهي. سويل ئي ·هلڻ جي تياري ڪجِ.

پدما : شعر بحر مونکي تہ مزو نہ ڏيندا.

ڪندن : اها ئي تہ زالن جي مصيبت آهي. پر جهمر، لاڏا ۽ پڳت تہ وٺندءِ نہ؟ اهڙو پروگرام بہ رکيو اٿن. ٻڌندينءَ تہ پائيندينءَ سنڌ ۾ ويٺي آهين.

پدما (هڏيءَ مان) : مهرباني ڪري ڪاڏو تہ کائو، شعر پڇي ڪونہ ٿو وڃي.

ڪندن (پين بند ڪري ڪک تي) : موڊ ئي بگاڙي ڇڏيئہ (ميز ڏي ويندي). شعر جي ٺٺو پڇي وڃي تہ مان ٿو

پڇي وڃان يا ڪاڏو تو پڇي وڃي!

(ٻئي ڪاڏو ڪائين ٿا، سندن پٺ شعر وارو پنو ڪٽي ٽورو ٽورو پڙهي ٿو. ڪندن ڪلي ٿو.)

پدما (رڙ ڪري) : رک پنو. تون ٻه ماريا پٺيين جهڙو ٿيندين.

(ڪاڏو ڪائي پدما چٽائي ڪٽي اچي ٿي پٺ ۾ وڃائي ۽ ملانئس وهاٽو ستي ٿي.)

ڪندن (چٽائيءَ ڏي ڏسندي عجب مان) : هڙتال ٻه شروع ٿي وئي. آخر آهي ڇا؟

پدما (ڪڪ ٿي) : ڪجهه ياد ٻه آٿو. اندرا ۽ اشوڪ توهان وٽ لال آهن.

ڪندن : اوهو .... ڳالهه ئي وسري وئي.

پدما : ڳالهه ڇو نه وسرندي، اندرا ڪو توهانجي ڀيڻ ٿورو ئي آهي. هوءَ ٿي منهنجي ڀيڻ - ڀيڻ ٻه نه سؤٽ ....

ڪندن : راڻي! سالا سالين ته شينهن کي ٻه پيارا آهن، سو مان ڪيئن تنهنجي ڀيڻ کي گهٽ گهرندس. (ڊگهو ساهه ڪٽي) بس بابا، هت توسان ٽڪر، ٻاهر ماڻهن سان لڙائي، هاڻي ته اهي ٻه مورچا سنڀالڻ ڏکيا ٿا لڳن. هڪڙو مورچو بند ٿيڻ کپي.

پدما (تيسي مان) : بند ته آهي، هيو ڇاهي. ماڻهو ڪلبن ۾ وڃن، ڊانسون ڪن، پائين ڇا لاهين ڇا، ڪنهنجي

هيرن جواهرن سان ڪڏهن ريس ته ڪانه تي ڪريان؟
ڪندن : ريس ڪانه تي ڪرين؟ اِندرا کي ڏسي اڄ جيڪو طوفان تنهنجي من ۾ ڪڙو ٿيو آهي سو ڇاهي؟
پدما : هيڏي تياڳه ڪانپوء به ڪوئي چوي ته من ۾ ريس جو طوفان آهي ته منهنجي ان سان توبهه آهي.
ڪندن (پنيان موٽي پدما جي پنيان بيهي هٿ مهٽيندي): دل ڪان زوريء ڪرايل تياڳه آتما کي اوچو ڪٽي نه سگهندا پدم!
(ٿورو جهڪي گوڏن تي منهن رکي ويٺل پدما جي چوٽيء ۾ پيل گلن کي سنگهي ٿو ته در تي آواز ٿئي ٿو. ٽئڪسيء جو آواز ٿئي ٿو. اندرا پٽيء کي سهارو ڏيئي اندر وٺي اچي ٿي.)
پدما : ڇا ٿيو آهي ياٺوء کي، اِندو؟
(اِندرا لٿل شڪل سان، پٽيء کي وٺي ڏائي پاسي جيڪو دروازو آهي، ان ڏانهن وڃڻ جي ڪري ٿي، پر گهوٽس ڪرسيء تي ويهي رهي ٿو.)
اشوڪ (نشي ۾) : م ... م .... مان هتي ويهندس .... ڇٽي ڪيڏانهن ويئي (آسپاس ڳولهي) ب .... بندوق ڏي.
اِندرا (تمام پريشانيء ۾ هٿن جون آڱريون موڙيندي پدما کي گوشائتو) : دوستن ڊُڪڙِي وڏيڪ پياري ڇڏي اٿس .... هاء رام! منهنجو ته نڪ ئي ڪٽي ڇڏيائين. (پٽيء کي نيزاريء سان) هلو نه اندر. پنهنجي بستري تي

هلي آرام ڪريو.
اشوڪ (هٿ هلائيندي) : وچ ... ڇري مونکي ننڊ نٿي اچي. تنهنجي سؤٽ سان تہ ڳالهائڻ ڏي .... ڪيئن پدم!
پدما (ٿورو ڏکي، وري همٿ ٻڌي) : هلو ياڻؤ! ٻئي ڪمري ۾ توهانجو هنڌ پٿاريو اٿم .... هلو اسين بہ ٿا اچي هلون.
اشوڪ : توهين بہ هلو ٿا؟ ڇڱو ڇڱو هلو هلو.
(نشي ۾ ٿاٻرجندو اُٿي ٿو هلي، پر ڏائي پاسي وڃڻ بدران ساڄي پاسي واري در ڏانهن ٿو هلي. اندرا گهوٽ کي موٽائي ڏائي پاسي واري دروازي ڏانهن ٿي وٺي وڃڻ جي ڪري تہ هو ڪرسيءَ ۾ ويهي ڪرسيءَ کي بہ پاڻ سان کڻي ٿو هلي.)
اندرا (مونجهاري ۾ ڪرسي ڇڏائيندي) : ڪرسي ڇو ٿا کڻو؟
اشوڪ (هٿ ڇڏائي) : هٿ. کڻندس (شوڪي نهاري ٿو.)
پدما (مني آواز ۾) : اندرئين ڪمري ۾ ٻي ڪرسي پيئي آهي دادا!
اشوڪ (نشيلي نگاه سان پدما طرف نهاري ڪرسي واپس رکي ٿو) : ڇڱو ڇڱو نٿو کڻان (هٿ ڇنڊي وڃي ٿو.)
(پدما سندن پنيان در تائين وڃي ٿي، پر پوءِ ٻوڙندي واپس اچي ٿي کٽ تي ويهي. ڇاتيءَ تي هٿ رکي.)
پدما : الا! مونکي تہ دک دک پيئي ٿئي. انصاف ڇئجن

چاچيءَ جا جو، ڏهن هزارن ۾ مهڙو ڳهوٽ خريد ڪيو
اٿن اِندرا لاءِ!
(ڪندن ڪٽ تي سمهيل پٽ کي مني ڏيئي ڪرسيءَ تي
وڃي شعر ناهڻ لاءِ پنو پين کڻي ويهي ٿو.)
اندرا (واپس اچي پدما جي ڪٽ تي ويهي ڪلهي تي
هٿ رکي) : سندن هلت ڪري توکي دل ۾ تہ ڪين
ٿيو پدم!
(ڪندن شعر جو پنو هٿ ۾ کڻي ڪرسي سيڙهي اڳيان
اچي ٿو ويهي.)
ڪندن (اندرا کي) : سمهيو سنڌيو صاحب.
اندرا (معافي طلب نوع ۾) : سچ ٻڌايو توهانکي دل ۾
تہ ڪين ٿيو؟
ڪندن : دل ۾ ڇا ٿيندو. هو پنهنجي وس ۾ ئي ناهي.
خير، ٻڌ اندرا! شعر ٻڌندينءَ؟
اندرا (ڪلي) : ڇچو ٿا، ڇڻ اڳيان ڏينهن وسري ويا اٿوَ.
ڪاليج ۾ مونکان وڌيڪ چاهہ سان ڪير ٻڌندي هئي توهانجا
شعر؟
ڪندن (ڪلي) : ڇڱو ٻڌ ....

سنڌ منهنجيءَ جا سلا ٿيندا وڃن ٿا وڻ ڏسو
هند جي گوديءَ ۾ پلجي سپ لڳا سامڻ ڏسو
گل گلابي سنڌيت جو آهہ قلميو هند ۾
ڇا انهيءَ جي حسن جو سپ کي لڳو ڪامڻ ڏسو

لھر لوڏي ۾ رهيا سنڌي گھڻو عرصو مگر
سڏ ڪري هتڙا جهلي نڪتا سمنڊ جهاڳڻ ڏسو
ڪيئن روڪڻ ساڻ رڪندي وهڪ سنڌوءَ جي اجهل
هٿ ڏئي روڪيو ڪي جن اڄ تنجا هٿ مهٽڻ ڏسو
سڏ ڪيو سنڌيءَ دهليءَ، بمبئي، اجمير ڪان
هند جي هر نس اندر اڄ سنڌ جو مامڻ ڏسو
سنڌ وارا ڪيئن نہ پارت خواه پاڪستان ۾
سهڻي سنڌيءَ کي لڳا اڄ ساه جيان سانڍڻ ڏسو.

اندرا (پاو پريون اکيون ڪڍي) : اڄ سالن ڪانپوءِ سنڌي شعر پڌڻ جو موقعو مليو اٿم. ائين پيو لڳي جڻ سڄي هندستان جا سنڌي هڪيئي کي پيا سڏين. بس پدي! حياتي تہ آهي توهانجي! سڄي سنڌي سماج کي پنهنجو ڪٽنب بڻائي وينا آهيو. (الماڙيءَ ڏانهن اشارو ڪري) ڪيترا نہ سنڌي ڪتاب آهن توهان وٽ. مان تہ ڪلڪتي ۾ هڪ ڪتاب لاءِ بہ پيئي سڪان. ڪيترو بہ چونديسانس سنڌي ڪتاب آڻي ڏي تہ آڻي ڏيندو انگريزي جاسوسي ناول ۽ اخبارون.

پدما (ڪندن ڏانهن اشارو ڪري) : هنکي بہ نہ لکيئہ. هنکي تہ ڪتابن جا شائق ماڻهو ڏاڍو وڻندا آهن. پيو ڪم نہ بہ ڪري ئي پر ڪتابن جو تہ ڍڳہ وٽي موڪلي ئي ها.

اندرا (دکہ مان) : اڙي بابا، هو خط لکڻ بہ ڏئي نہ،

الاجي تو وٽ پڻ ڏينهن ٽڪڻ بہ ڪيئن ڏنو اٿس. هنکي وڏن ڀاهرئين ڏيکہ ويکہ وارا شوقين ماڻهو ....
ڪندن : ۽ اسانجي وري ڏيکہ ويکہ سان پوي ڪانہ.
پدما (پٽ ڏانهن اشارو ڪري) : هوُ جيڪو آني مان ٿو ڦٽي، تنهن بہ پريندئي پيءُ وارا ارڪان ڏيکارڻ شروع ڪيا آهن.
اندرا (ڪلندي جذبي وچان) : توهانجي ڪڪي تہ حد ڪري ڇڏي. پڇانس ٿي، 'وات اِز يوُئر نيم؟' تہ چويم تو، 'اسين سنڌي آهيون، سنڌيءَ ۾ ڇو نٿي ڳالهائين؟' الا، الا، مونکي تہ سچ پچ شرم اچي ويو.
پدما (خوش ٿي) : ماريو، پاڙي جي ٻارن جي بہ ٽولي ناهي راڳہ سيکاريندن 'سنڌي آهيون، سنڌي آهيون، سنڌي اسانجي ٻولي.'
اندرا (ڪٽ تي سمهيل ٻار جو نرڙ چمي) : يلا هيءَ وري پيءُ کان ڇا ۾ گهٽ ٿئي؟ (اکيون چمڪائي) سنڌي هجڻ تي فخر اٿيئي پنهن کي. (اُداس ٿي) اسانجي ٻارن ۾ اهڙو ڪرُ ڪٿي آهي. رڳو جئڪ ۽ جل، ايڊيٽ ۽ فوُل. بس اُٽ بہ انگريزي، ويهہ بہ انگريزي. پنهنجي ٻولي ڇا ٿيندي آهي، سا تہ سڌ ئي ڪانہ اٿن.
پدما : توهان وٽ سنڌي اسڪول جو نہ هوندا تہ ٻارن جو ڪهڙو ڏوه؟
ڪندن : ڇو، اندرا جو گهوٽ ئي ڪٽي اسڪول کولائي

تہ چا آهي. آخر پئسو فقط ڪلبن، شراب ۽ ناچ گاني
۾ وڃائڻ لاءِ تہ نہ آهي؟
اندرا (ڪنڌ ڌوڻ ڪري) : اهو جي ڪير سمجهي نہ.
(پريل گلي سان) مان تہ ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو ناراض ٿيندي
آهيان. هيءَ بہ ڪا جيوت آهي ....
(ٻئي ڪمري مان ڪڙڪڻ ڪنجهڻ جو آواز .... اندرا
ٻڪندي اوڏانهن وڃي ٿي.)
ڪندن (پدما جي چوٽي پٽي) : ٻڌين ٿي پڳلي.
(پدما سوچ ۾ ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺي آهي.)
ڪندن : پر تنهنجي سؤٽ پنهنجي دل کي ميرو ٿيڻ
ڪونہ ڏنو آهي. مونکي تہ هوءَ اڄ بہ ساڳي ڪاليج واري
آدرشي ڇوڪري پيئي لڳي. الاجي ڪيئن مائٽن جي
چڪر ۾ اچي ويئي.
پدما (دک سان) : مونکي تہ مٽس ڏاڍو قياس ٿو اچي!
(پدما اکيون مٽي کٽي پٽيءَ ڏانهن ڏسي ٿي. اندرا
واپس اچي ٿي ساڳئي هنڌ وهي.)
اندرا (ڪک ٿيندي) : کهڙي آهي اسانجي حياتي.
سڄو ڏينهن جَهڙ مُئي، جَهڪ مُئي. ڪنهن مائٽي ڦٽائي،
ڪنهنجي مهمان نوازيءَ ۾ گهٽتائي پيئي، هڪٻئي ۾
آهن شڪ شبها ۽ ڏي وٺ جا ڏوڪ ڏوراپا. (ڪلهي وٽان
چٺي ڪڍي) هيءَ ڏس سس جي چٺي آئي آهي. اڃا
ماءُ تائين احمدآباد ۾ بہ ڪانہ پهتي آهيان تہ لکيو اٿس:

ياءُ جي وهانءَ ۾ نہ سڀ ڏڻ پاري اچڻ. هن سال پرشوتم پيو اٿيئي، اهو پري ونڃ ماءُ کان. زنجيري جيڪا اڳئين سال پيڪي گهر وڃائي آئي هئينءَ سا بہ چئجانس تہ گهڙائي ڏئيئي. (تڏو ساهه کڻي چئي بند ڪري ڪڪ تي) ڪهڙيون ويهي توهانکي هن ڪندن جي جهان جون خبرون ٻڌايان.
پدما (اکيون ڦاڙي) : ڪهڙي عجيب آهي توهانجي رهت! نہ تہ سڪ بہ ڪي گهٽ ڪونہ اٿيئي. ساڙهيون سٽ، نؤڪر چاڪر، موٽر گاڏيون ....
اندرا (پدما جي وات تي هٿ رکي درديلي نوع ۾) : اٿين نہ چؤ پدم! اهي سڪ ناهن، انهن ۾ آتما سمهي پوي ٿي، وڪاس نٿي ڪري. آتما جي وڪاس لاءِ تہ هجي توهان جهڙي آدرشي جيوت. آدرش بنا جيئڻ آهي پسن جيان جيئڻ.
ڪندن (اُباسي ڏيئي) : آهي عجب، الاجي ڪيئن گلن جا ڪانکي ڪندن ۾ ارجيو وڃن ....
اشوڪ (اندرئين صفحي مان) : اندرا .... او اندرا ....
(اندرا ڊڪندي وڃي ٿي)
پدما (اکيون اُگهي، پٽ کي گود ۾ کڻي) : تون گل، پيءُ جهڙو ٿج. (پٽ جو نرڙ چُمي ٿي.)

(پردو ڪري ٿو)

[نئين دنيا، ١٩٦٠]

# ساهيڙي

## (نظارو پهريون)

(هڪ ڪمري جي وچ ۾ پردو ٽنگيل آهي. پردو ٽنگي ٻه ڪمرا ڪيا ويا آهن. ساڄي پاسي سس جو ڪمرو ۽ ڏائي پاسي ننهن جو. ٻاهر نڪرڻ ۽ رنڌڻي ڏي وڃڻ جا در ساڄي پاسي آهن. ٻئي ڪمرا معمولي نموني سينگاريل آهن. ميز ۽ ڪرسي ننهن واري ڪمري ۾ پيل آهي. پٽ يعني هرگن ڪرسيءَ تي وينو ڪجهه لکي رهيو آهي.)

سس (گهڙيال ۾ نهاري پردو سيري) : نوَ تا ٿين اچا آهي ڪو ننهن ٻائيءَ جو پتو؟

هرگن (ڪڪ ٿي) : اڙي ٻائي چيم نه، آفيس جو ماڻهو بيمار اٿن. اُنجي نگاه ڪرڻ ويئي آهي.

سس : ٺريو ملڪ، هوندي ساهيڙين سان ٺهه ٺهه ۾ پوري، بيو بيمار ڪي ڏاڍو ڪو پڇي جاڻي. سس پيئي هتي پورهيو ڪري، ننهن پنهنجن گشن نشن ۾ ئي پوري.

هرگن : اما تون فضول گرم ٿيندي آهين.
سس : مان چوان ٿي، تون اهو جوء جو پاسو نہ، نہ ڪٽي تہ جيڪر چا ٿئيئي. آهي چوريءَ ۾ ڪو عقل، وهندي رنڌڻي ۾ تہ سڀڻ جا پانچا ئي تيل ڪري اُٿندي.
سبڻ تہ ماڻس سيکاريو ئي ڪين اٿس؛ چي : منهنجو ابوٌ بڪس، درجيءَ جو سبيل پائيندي آهي.
هرگن : اڙي چڏ بہ اما، اجا ٻار آهي، حرص گھٽو اٿس سڀ سِکي پوندي.
سس : اصل جوء تي پوندو ئي ڪونہ نہ. ٻار ڏوڙ جي آهي ويهن سالن ۾ بہ اجا ٻار ٿي، وڏي تڏهين پاپڙيون ڏڏنديس تڏهين ٿيندي؟
(هرگن ڪڪ ٿي اچ وچ پيو ڪري ڪجھہ چوڻ چاهي ٿو پر ماءُ جوش ۾ آهي)
سس : بابا، مڙس ئي تہ ملڪ ڌنو آهي نہ. تون ئي وينو منهنجي لاهين تہ هوء ڪين چوٽي پٽيندم؟
هرگن (هٿ جوڙي) : ٻيلي پڳوان جي واسطي هاڻي جند چڏ. سياڻي آفيس جو امتحان آهي، ذرا پڙهڻ تہ ڏي.
سس : بس پٽ، جڏهين ٻورا ٿي پريا، تڏهن گڏهن تي هينگون ڏنيون. (ويندي ويندي موٽي اچي ٿي) پٽ مون تي پڇيومانءَ تہ روٽي پايان.
هرگن (ڪنڌ مٿي ڪٽي) : هان؟
(جوتي پرس لوڏيندي اچي پيئي)

سس : اوجها اچيئي پيئي مندم. وجي تي ٻنهي لاءِ روٽي پائي اچان (ويندي ويندي پڻ پڻ ۾) ڏي نوڪري مان!

(جوتي سس کي ڏسندي تي رهي. جڏهن هوءَ دروازي مان الوپ تي وڃيٿي، تڏهن سامت جو ساهه کٽي تي)

جوتي (پرس ڦٽو ڪري، گهوٽ کي پڙهڻ ۾ منجهائي): سچ ٻڌائجو منهنجو قسم اٿوَ، هيءَ هتي منهنجون دانهون ڏيڻ آئي هئي يا نه؟

هرگن (کِلي) : ڀلا فرض ڪر دانهون ڏيڻ آئي به هجي ته ڇاهي؟ هن ڏنا سنڌ واري سکي جيوت جا خواب، جتي سس ويٺي چلم ڇڪيندي هئي، ننهن پيئي اڳيان ڦرڦر ڪندي هئي، سو هتي پورهيو ....

جوتي (ڪٽي) : توهين ماءُ تي ڪڏهن پوندا ٿي ڪونه، مان تي چوان اٿين ته مون به شادي ڪري پينگهن ۾ لڏڻ جا خواب ڏنا هئا، انڪري بس رڳو مان ويهي سس کي ڏوهه ڏيان؟

هرگن : ڀائي تون ته پڙهيل ڳڙهيل سمجهو سياڻي ڇوڪري آهين ۽ اجا جوان آهين. پنهنجا خيال زماني سارو بدلائي به سگهين پيئي ....

جوتي : بس بس، مونکي هنجا هيءُ ڪن پرڻ نٿا وڻن. ڪمايان به ويٺي ته به سچو ڏينهن منهنجن مائٽن وٽان ٿي ڪجهه ملڻ جي لوري لڳي پيئي اٿس.

هرڳن : اڙي بابا، تنهنجن ماڻهن لاءِ ڪجهه ڪونه وٺڻي
چيائين. هاڻي مٿاءِ ڪپڙا، هلي ڪاڏو به ڪاءِ.
جوتي : مونکي هاڻي وڌيڪ ٺڻ مڻ سهڻي ڪانهي. هاڻي
جدا ٽيڪو ئي پوندءِ.
هرڳن : جدا نه ٽيڪو ئي آهي. ٻيو مونکي توهانجي
هيءَ روز جي ٺڪ ٺڪ چڙ وٺي ٿي.
سس (اندران) : جوتي آن جوتي!
جوتي : اجها آيس (چوندي هائوس ڪوٽ ساڙهيءَ مٿان
ئي پائيندي رنڌڻي ڏي وڃي ٿي.)
(هرڳن ڪڪ ٿيندي پنا ڪتاب ناهي پاسيرا ڪري ٿو.)
جوتي (اندران اچي) : هاڻي ڏسو ٿا ڇا پيئي چوي؟
(سس سندس پٺيان ٻاهر اچي ٿي.)
سس (غصي ۾) : بابا مون هٿ جوڙيا. مونکي ڪانه
خبر هئي ته پڙهيل ڇوڪريون ههڙيون ٿانديءَ ٽپڻيون
ٿينديون آهن.
هرڳن : وري ڇا ٿيو؟
سس : ٿيو وري ڇاهي. ٻڙڪي ڪاڏيءَ کي ڇيومانس
رنڌڻي ۾ ويهي ڪائو، گهر ننڍڙو آهي، مڇر ٿيندا.
جوتي (هٿ ڪٽي) : ننڍڙي گهر ۾ مڇرن واري ڳالهه
توهان پهرين چئي؟
هرڳن : پهرين نه ته پوءِ ٿي چوي. هل هلي ٿا رنڌڻي
۾ ئي ڪائون. ڳالهه به ايتري نه، ٻيو ڇا؟

سس (هٿ ڪٽي) : ٽنگ جيڏي چوڪري بروڪشي، تہ ڪيتري ٿي ڪري. (رنڌٽي ۾ هلي وڃي ٿي.)
(هرگن، ماءُ جي پنيان هلندي پٺ ورائي جوتيءَ کي پنيان اچڻ لاءِ اشارو ٿو ڪري. جوتي نٽي مڃي. هرگن پهرين جانا پيو پريس. پوءِ ڏڪ ٿو اُلاريس جوتي پنيانس وڃي ٿي پر هٿ سان اشارا ڪندي وڃي ٿي جنهنجو مطلب آهي تہ ڏسج مان ڪيئن ٿي جدا ٿي وڃي وهان. سيئي رنڌٽي ڏي وڃن ٿا. هڪ منٽ لاءِ اسٽيج خالي آهي. اوچتو جوتي ڊڪندي اچي پنهنجي پلنگ تي سڏڪا پريندي ڪِري ٿي. پنيان هرگن بہ پچندو اچي ٿو. جوتيءَ کي مات ڪرائڻ جي ڪري ٿو ۽ پردو جيڪو ڪمري جي وچ آهي، اهو چٽيءَ طرح ڏيئي ٿو ڇڏي. سس بہ ٻاهر اچي لڪي ٻڌي ويني ۽ هٿن سان غصي جي اظهار جا اشارا پيئي ڪري.)
هرگن : هاٽي پلا بس بہ ڪندينءَ، ڪين اهڙو جهنم ڪندينءَ جو مان سياٽي امتحان اصل ڏيئي ئي نہ سگهان.
جوتي (زور سان اُٿي) : پر مان چوان ٿي، مونکي هن گهر ۾ هڪڙو پل بہ رهڻو ناهي. ذري ذري تي چوندي 'ڪنن مائٽن جي ڌيءَ، ٻٽنو ٿي چاڙهين!'
هرگن : پر تنهنجن مائٽن کي گار تہ ڪانہ ڏنائين.
جوتي (وڏيڪ روئي) : اچا گاريون ڏئي اچا گاريون ڏئي. بس مونکي پيڪي گهر ڇڏي اچو مون اصل چيو توهانکي

مڇائي مڇائي ويني آهي.
سس (رڙ ڪري) : ها ها ڇڏي اچيس. هرگن جي منهنجو پٽ هوندي تہ ضرور ڇڏي ايندينس. آڪڙ تہ ڪيڏي تي ڏيکاري.
هرگن (ٻاهر اچي ماءُ جو وات بند ڪري) : ڀڳوان جي واسطي اڄوڪو ڏينهن تہ چپ رهو. هاڻي حد ڪري چڪيون آهيو. مان جي بگڙيس تہ ٻنهي کي پڇتائڻو پوندو.
ماءُ (وات ۾ رئو نوسڻ لاءِ ڪٽي) : بس بابا مان ئي تي پاڻ گهٽايان (رئو وات ۾ وجهي ٿي)
(جوتي، جنهن هيترو وقت گهوٽ جي پنيان پردي وٽ اچي لڪي ڏٺو آهي سا پڇي وجي پنهنجي ڪمري ۾ اونڌي تي سمهي پوي ٿي. هرگن اندر اچي ڪرسيءَ تي ويهي چپ چاپ ۾ سگريٽ دکائي پڙهڻ لڳي ٿو.)
جوتي (ٿوري دير ڪانپوءِ اُٿي) : ڀلا روٽي هلي کائو.
هرگن (پاڻ ڇڏائي) : هاڻي چپ چاپ سمهي پئہ. مونکي تہ ائين پيو لڳي جڻ دهيل باه جي مٿان وينو آهيان. تر جيترو بہ چوندس تہ بس پنيٽ ٻري پوندو.
جوتي : اڄ تہ مان مات تي ڪريان پر (هٿ جوڙي) مان هاڻي هتي هن جهنم ۾ وڌيڪ نہ رهنديس. ڀلي سنان جاءِ جيتري جڳهہ ملي تہ بہ هلي رهنديس.
(ماءُ بہ ٻتي وسائي تي ڇڏي. جوتي سمهي پوي ٿي ۽ هرگن ٽيبل لئمپ ٻاري پڙهي وينو)

## (نظارو پيون)

(شام جو وقت. هڪ ڪمري ۾ جوتي ۽ هرگن جدا تي اچي وينا آهن. هڪ ڪنڊ ۾ رنڌڻي جو سامان ميز تي رکيل آهي. جوتيءَ کي اڳيان ائپرن ٻڌل آهي ۽ رڌي ويني. گهڙيال ۾ ست لڳا آهن. هرگن اخبار وينو پڙهي.)

جوتي : توبھ هڪڙي شيءِ آڻ، تہ ٻي ٽُٽي ئي پيئي آهي.

(هرگن چپ آهي)

جوتي (مٿي تي ڏک هٽي) : ڏار ٿياسين سڄو ڪم سر تي ڪنيم تہ بہ سک جيڪو چئجي سو نصيب ۾ ڪونهي.

هرگن (منجهي ڪک تي) : اها پنهنجي سياءَ جي ٻر ٻر جيسين نہ ڇڏي اٿيئي تيسين سک ياعمر ڪين ملندءِ.

جوتي : سياءَ جي ٻربر بہ چا تي ويندي. توهين ڪک پڇي ٻہ بہ ڪونہ ڪريو، مان آهيان جو آفيس جي ڊيوٽي ڏيئي ڦٽ ڦٽ ڪري اچي رڌيان.

(هرگن تڪڙ ۾ اخبار جو پنو رکي، وٺي ٿو استوٓ کي زور زور سان پمپ هٽي.)

جوتي (کٽ تي ويهي مٿي تي هٿ رکي) : رات جو بہ جهڙو تهڙو آرام ڪري صبح جو اُٿ تہ ٻہ پيرا نہ

صاحب کي چانهه کپي. جنهن وقت روٽيءَ جو ڏيو ٿاهي بند ڪري سنيرڻ لڳندي آهيان، تنهن وقت منهنجي ڪو اچي حالت ڏسي، توهين تہ سويل ئي نڪري وڃو....

هرگن : راڻي صاحب اسڱ تي پاڻي ٺهڪي ٺهڪي ختم ٿيڻ وارو آهي، هاڻي ٻڌاءِ توکي ٻيو ڇا کپي؟

جوتي : کپيم ڏوڙا ماڻهو پيو هڪڙو ڳهندو رهي، ٻيو جي ڪڏهين ڪٿي دکہ درد اوري تہ اهو بہ ڪين ٻڌندا.

هرگن : اڙي ڀائي، مون تہ رڳو پاڻي ٺهڪندو ڏسي ڪٿي چيو. چڱو ڀلا هاڻي ڳالهہ ڪر سڀ ڪجهہ وينو ٻڌان (ڪرسيءَ تي ٽنگون مٿي ڪري ويهي ٿو رهي.)

جوتي : هاڻي وري ڏوڙ جي ڳالهہ ڪبي، پاڻي ٺهڪڻ جو خيال جهٽ ٿو پويو، باقي هتي ماڻهوءَ جي دل ڀلي ٺهڪي ٺهڪي ختم ٿي وڃي. (روئي ٿي)

هرگن : ہ هتي منهنجي اخبار پڙهڻ منجهائي ڇڏيئہ، اهو ڪي سمجهيئہ.

جوتي (روئندي) : آخر مان ئي سيني جو خيال رکڻ لاءِ جائي آهيان. منهنجو خيال رکڻ وارو بہ ڪو پيدا ٿيندو ڪونہ نہ؟

هرگن (ڪرسيءَ تان اُٿي مسخريءَ ۾ هٿ جوڙي) : توبهہ. سمجهہ ۾ ئي نٿو اچي راڻي صاحبان جو اڃا ڪهڙو خيال ڪيو وڃي. اما ڪان جدا ڪرڻ لاءِ چيئہ، اهو بہ مڃيم. پڳهار سڄو ڏيڍ سؤ رپيا ئي آڻي تنهنجي تِريءَ تي رکان.

جوتي : ۽ مان ڇڻ پنهنجو پگهار ڪائي ٿي وڃان. پنهنجا واشنگ ۽ سگريٽن جا خرچ تہ ڏسو. مهني پوري ٿيڻ کان اڳ ئي خرچ جي تغاري ڪڇيو وڃي.

هرگن : اڙي يورپ ۾ نہ ڏسين ماڻهو ڪپڙا بہ گهر ۾ ڌوئن ....

جوتي (کِلِي) : سگريٽ بہ گهر ۾ ٺهن.

هرگن : اڙي سينياٽي وچي اخبارون پڙه تہ خبر پوئيي. اتي باسڻ ٿِهاري بہ زالون پاڻ ڪن.

جوتي : ۽ يورپ ۾ زالون مرد گهر جو ڪم بہ گڏجي گڏجي ڪندا آهن، اها ڳالهہ شايد ڪٿي ڪانہ پڙهي اٿوَ؟

هرگن (پهرين اکيون ڦاڙي پوءِ خنڪيءَ سان) : تہ اتي وگيان جي ترقي ايتري ٿي ويئي آهي، جو اهو سڀ ڪم اب گهڙيءَ ۾ ٿيو وڃي.

جوتي : تہ جيسين اسانجو ملڪ ايتري ترقي ڪري تيسين ٻاهرين اندرين سڀ مان ئي ڪريان، توهين فقط اخبارون ۽ ڪتاب وينا پڙهجو.

هرگن : مان ٻانيان ٿو ٻاڻي تہ ٺهڪي ٺهڪي سڪي بہ ويو.

جوتي : آئي رام! چلهہ جو ٺڪر بہ الاجي ڪٿي رکيم (بنا ٺڪر ئي ٻاٺلي اسٽوَ تان لاهي ٿي تہ رڙ ڪري ٿي) الاڙي ... الاڙي!

هرگن (تڪڙ ۾ اڳيان وڌي) : ڳالهہ ڪر، ڇا ٿيو؟

جوتي (هٿ ڏيکاري) : هٿ ئي جلي ويو. الا مري ويس!
هرگن (ڪريم لاءِ ٻڌندي) : تون ٻہ ڪا چريِ آهين، هٿ سان ٿي ديگڙو لاهين ....
جوتي : هري رام .... توهين ٻہ ڪهڙا آهيو.
هرگن (ڪريم مان آگر پري) : هيڏانهن ڪر هٿ، بس چاڻ تہ هٿ ئي نري پيئہ.
جوتي : توبهہ. چانهہ جي پڙي پساريءَ وٽ نہ وسريم ها تہ هيڏو مانڌاڻ ئي نہ مچي ها.
هرگن : اڙي تہ چئہ نہ، تہ چانهہ جي پڙي کپيئي. اجهو هڪ منٽ ۾ ٿو وٺي اچان (وڃيٿو).
جوتي : ڪهڙا مرد آهن، جڏهين هٿ سڙيو تڏهن ويو آهي چانهہ وٺڻ. هونءَ چونيس ڪنهن ڪم ۾ هٿ وجهائينم تہ چوندو اڳوپوءِ ساڙهي ڏينم تہ پائي ويهي رهان. (ڦوُ ڦوُ ڪري پيئي) ان ڪان تہ گڏ ۾ چڱا هئاسين. ڪيس ڪو چوڻ چائڻ وارو تہ هو. هينئر تہ صبح جو انين بجي اُٿندو ننڊ مان. ٻہ ٽي پيرا چانهہ گهرندو، سگريٽ لاهيندو سگريٽ چاڙهيندو. ڪجهہ چوانس تہ ڏيندو چڙٻ (جانا پيئي پري) توبهہ توبهہ، هاڻي الاجي چانهہ پڙي ڪيڏي مهل ايندي!

## (نظارو ٽيون)

(چهن مهنن کانپوءِ)

(وڏو ڪمرو - سس سمهي پيئي آهي. ننهن، ڪيس چنبڙي ويني آهي.)

هرگن (ڪٽ وٽ بيني) : اڙي اُٺ يلا هاٺي.
جوتي : امي چوينس نہ مان گهر ڪانہ ويندي‌س. هنن بيماريءَ جي انن ڏينهن ۾ توهان جيڪا منهنجي پرگهور لڌي آهي، انهيءَ تہ منهنجون اکيون ئي کولي ڇڏيون آهن .... اوه ڪيڏو نہ آرام آهي هتي.
سس (حجت سان ننهن کي چموڻو پائي پيار مان) : آئي اهو ڏينهن تہ ياد ڪر ڇوڪرا جنهن ڏينهن ماءُ کان پٽ ڇني ٿي ويئينءَ. جنسي ڇاتي ٿي ڇڄي.
جوتي : امي رنو تہ ان مهل مون بہ گهٽ ڪين هو، ۽ توهانجي پٽ کي ائين بہ چيم تہ، 'نهيو هاٺي نہ ڪٺي جدا ٿجي'، پر هو هڪ تي هو.
سس : بابا هو بہ هڪ تي ڪيئن نہ بيهندو. ويچارو آفيس مان اچي تہ مان هڪ پاسي تنهنجا ڏکہ رئانس، تون هئي پاسي منهنجا ڏکہ رئڻ شروع ڪرينس. ماريو آهي بہ تو پنيان ڇريو، هميشه تنهنجو پاسو ڪٹندو هو.
جوتي (سس کي ياڪر پائي) : الا مونسان وري هميشه توهانجو پاسو ڪٹندو هو.
سس : سچ. سچ ٿي چوين ڪنوارا (اُٿي پٽ کي ڀِراهٹڙي پائي ٿي.)

جوتي (هٿ تي تازي هٽي، ڪلندي) : ۽ تڏهين وري مان پاڻ وڏيڪ خار کائيندي هئس. (اوچتو سس کي رئي سان ٻوڙها اُگهندو ڏسي) الا امي توهين رئو وينا.
هرگن : اڙي هاڻي اُتي هل به .....
سس : روئنديس ڪيئن نه پٽ! ههڙي لاڪيٽي پٽ کي ڪيئن نه وڃائي ڪندي هئس. ذري ذري چوندي هئي سانس اصل جوء جو مچو آهين. اصل انهيءَ جي ڇيچ ۾ پڏو پيو آهين.
هرگن (پنهي سس ننهن کي گلي لڳندو ڏسي) : اڙي اڙي هيءَ ڪهڙو سانگ رچائي وينيون آهيو؟ اڄ اُتر ۽ ڏکڻ ڪيئن ملي ويا آهن؟
جوتي : مان ته هن جهنم ۾ وري ڪڏهن ڪين هلندي سانو.
هرگن : مان وري هن جهنم ۾ ڪين رهندس. اڪيلو ئي وڃي ٿو رهان. پاڻيهي پڇندي ايندينءَ. (در ڏانئين وڃي ٿو ته جوتي پڪڙي وٺي اچيس ٿي.)
جوتي : امي ڏسو ٿا، ڇا ٿو ڪري، چوانس ٿي ويني ته هاڻي امي پلي منهنجي پيڪن کي ڇا به چوندي ته به مان اکر ڪانه ڪڇنديس.
هرگن : ها اکر نه ڪڇجانءِ پوءِ باسڻ برتڻ کي نڪا نوڪي لڳائي ڏج، اکين تي شوخي ڦهلائي سيني مٿان چٽنگون وسائيندي وڃج.

سس : پٽ مان ماڻٽن لاءِ حرف پٽيانس ئي چو. ننهن، من ميلي هلندي، جيءَ سان جيءَ چوندي تہ سس ڪا چرِي ٿوريئي ٿي آهي جو ....
هرگن (ڪٽي) : چيم نہ تہ انهيءَ تريءَ تيل لڳٽو ئي ناهي.
جوتي : توبھہ. چيم نہ اصل مان ڪجھہ بہ دل ۾ نہ ڪنديس. امي، هتي انن ڏينهن ۾ يلا اهو رَوَش ڏني اٿوَ منهنجي؟ سمجهي تہ ويئي آهيان تہ شادي ڪيل ڇوڪريءَ کي ماءُ پيءُ کھڙي ترِي ڏيندا. پوءِ انهن جو پاسو کٽي، مان ڇو پنهنجو گھر نرڳہ ڪريان.
هرگن : واهہ ڏاڍي سياڻي ٿي ويئي آهين. پر مان توهان کي چڱو سڃاڻان. وري هڪ سؤ هڪ ڳالهيون ٻيون ناهينديون. اما بہ اٺ ڏينهن مهمان سمجهي کٽي ايتري خاطرداري ڪئي اٿيئي ....
سس : ماريا، وري مونتي ٿو پريو ڇُلين؟ ڪٽ پٽ جو سبب هاڻي مونکي بہ ٿورو ٿورو سمجهہ ۾ اچي ويو آهي. اڄ زمانو اهڙو آهي جو جيڪو ٿو آني مان ڦٽي سو ٿو پاڻکي سوا سير سمجهي. هنن ڇهن مهنن ۾ چڱا ويهي اوڙي پاڙي جا رنگہ ڏٺا اٿم ....
هرگن : نہ اما نہ ....
سس : ابا چوڻ تہ ڏينم، گهٽينم چو ٿو .... هاڻي مون بہ سمجهي ڇڏيو آهي تہ سس ننهن بہ آهن ساهيڙيءَ

سڱ. ماڻ ڏي ماڻ وٽ.
جوتي : اميءَ ڳالھ اھڙي ڪئي آھي جھڙي منڊيءَ تي ٽِڪ.
ھرگن : اما، اٿين تہ گھوٽ ڪنوار بہ اڄ ساھيڙيءَ سڱ تي پيا آھن. (پيار مان زال جي چوٽي ڇڪي) ٻڌينس مونکي ڇا چوندي آھي؟
جوتي : امي توھين انصاف ڪجو. ٻائي آفيس مان ٿڪجي ٽٽجي اچي گھر جي ڪم ڪار کي لڳان تہ ڪيس مونکي ٿوري مدد بہ نہ ڪرائڻ کپي؟
سس : ڇو نہ پٽ ....
جوتي : ڏسو نہ، امي ھاڻي ڪيئن نہ منھنجو پاسو ڪٽي!
ھرگن : ھا، ھا، ڇو نہ پاسو ڪٽنديءَ. ساھيڙي جا ٽيئہ!
جوتي : تہ بس ھاڻي مان ھتي ئي رھنديس.
ھرگن : ھاڻي اجائي اينگھ ڇڏيو. جي ھڪٻئي مان دل اچا نہ ٻاپي اٿوَ تہ امان تون ئي ھلي ٿورا ڏينھن اسان وٽ رھہ. جڏھن وري وڙھو، تڏھن اچي پنھنجي گھر رھج.
سس : وڙھون ڇو؟ ....
جوتي : اٿين ئي سھين. ھا امي ھا (يڪدم چادر آڻي تي ڏئيس) ھان وٺو. وجھو جتي پير ۾ (ھرگن چمپل سيرھي تو ڏئيس.)

هرگن : ڪٿ هاٿي ڪلف ڪنجي.
سس (ڪلي پيئي) : ماريا ڪن چا ٿا (ميز تان ڪلف ڪُنجي کڻي ٿي.)

(سيئي وڃن پيا.)

(پردو ڪري ٿو)

[نئين دنيا - ١٩٦٤]

---

اڄ ئي گهرائي پڙهو

# آتم وشواس

(سندري اُتمچنداڻيءَ جي ڪهاڻين جو تازو ڪتاب)
قيمت : ٦٠ روپيا

پتو : نئين دنيا پبليڪيشن، بي-٩، فلورينا ايس. ٽي. روڊ، ممبئي-١٦ فون : ٤٣٧٤١٣٦

# سنڌو

(باسٽن جي ٽڪانوڪي)

دولت پيءُ : ڇا ٿيو آهي توکي، دولت ماءُ.

دولت ماءُ : ٿيو وري ڇا اٿم. ڏٺي ٺٽي ته بيٺي آهيان.

پيءُ : پوءِ صبح کان وني هيءَ باسٽن جي ٽڪانوڪي، ٻارن کي ڇڙٻون ۽ مائيءَ تي وَٽ ٻلا ڇا لاءِ وڌي اٿيئي؟

ماءُ : جئن ٿو اچيوَ تئن ٿا ڳالهايو. اڃا ته پرائو رت گھر ۾ اچڻو آهي. توهين ئي ٿا ائين ڳالهايوم ته هوءَ جا نلهو چڻو ايندي، سا ته نِرگهٽ پٽينديم.

پيءُ : کهڙي ڇوڪري پسند ڪري آئي آهين. مونسان ته ڳالھ به ڪانه ڪئي اٿيئي!

ماءُ : پسندي منهنجي هجي ته ڳالھ به ڪريان. جن پٽ ڇٽيا، سي وينيون رڦ تي، وچان ٿي ياڇايم نچي.

پيءُ : اِهي ور وڪڙ ڇڏ، ڳالھ ڪر سڌي سنوائي.

ماءُ : سڌي ڳالھ ته ڪريان ويني. ٻيو اڃا ڦاهو ڪان.

پيءُ : تپ نہ، ڳالهہ ڪر سڌي. ياڄائي ڪٿي تي نچي؟
ماءُ : آٿو چئي گهوٻاٿو. هاڻي ياڄاين ڪٿي تي نچي.
پيءُ : پيئي ڦيراٿيون ڪائيندينءَ. مول ڳالهہ تي تہ ايندينءَ ئي ڪانہ.
ماءُ : ڪلهہ پٽهن کي وني ويئي هئس ماميس وٽ. ڳالهہ ڪٿي ڪڍيمانس تہ دولت کي ڪا سني ٻانهن وني ڏي؛ ماريو چوڏهن چوڪريون ڏسي چڪو آهي پر ڪا پسند ئي ڪانہ تي اچيس. بس جهل ٻٽي، آئي ڪٽي؛ ٻار ٻچا، يائم، ياڄائم سڀ ورائي ويا. چي : 'شويا ونج، دؤلي شويا.'
پيءُ : اچا. تہ چوڪري سچ پچ شويا هوندي ....؟
ماءُ : هوندي ڏوڙ. چوڪري آئي ٻہ. ڏنم ڪين چا، سانوري هئي. مائٽن وٽ ٽڪو ٻہ ڪونہ ليي. پڙ ساڏورام جي ڌيءُ، شڪل جي چڱي هڪڙي طرف تہ ڏہ هزار ٻئي پاسي تا ڏين.
پيءُ : پر دولت چا تو چوي؟
ماءُ : دؤلت؟ انهيءَ جو ئي تہ رئٽو ويني روئان. ٻيو هي چا ويني ٻڪان. اهو ئي تہ هرڪہ هاري وينو آهي.
پيءُ : پوءِ جتي چوڪري جي مرضي هوندي، اتي ڪٽي ڪبس. ٻيو چا ڪبو.
ماءُ : مان تي چوان، توهانجو عقل ڪيڏانهن ويو آهي؟ هڪڙو پٽ تہ ڪين اٿئون. هڪڙي جي ٺلهي ٻانهن

ورتؤ تہ ہئي لاءِ بہ ڏيتي ليتيءَ کان جواب ملندؤ. هان،
مان اڳي ئي تي چئي چڏيانؤ. (وڃي ٿي)
پيءُ : دؤلت ماءُ وڃين وري کيڏانهن ٿي. ٻڌ تہ.
ماءُ : اوڇهو دولت پيو اچيؤ.
دولت : ڇاهي اما؟
ماءُ : پيءُ پٺهين کان.
پيءُ : هتان تہ اچي ويھ دولي .... ڪلهہ مامهين جي
گهر کا ڇوڪري ڏسي آئين ڇا؟
دولت : .... ماميءَ جي ياٽيڃي آهي دادا.
پيءُ : ڪئن آهي پٽ.
دولت : .... نيڪ آهي.
ماءُ : ہ ساڌورام جي نياٽي ہلا ڇا ہر گهٽ آهي؟ ڪَڻ
کاٺ، شکل ہر موچاري.
دولت : ہ مٿان ڏہ هزار بہ وٺي ايندي. (ڪلي ٿو)
ماءُ (کاوڙ ہر) : سا وري ماٺهين ہونگي ہر لڪائي رکندي،
ائين نہ؟
دولت : اما تون سچو ڏينهن تتي پيئي آهين. يا ننهن
کپي يا .... تون بہ عجيب آهين، اما. مئٽرڪ پڙهيل
آهي، گهٽو گهٽو بہ ڪٽي نوڪري ڪندي.
ماءُ : بس، پٽ، ڏنو وتو لوءِ وراهيو، کارو ڪنو گهر ہر
آيو. (وڃي ٿي)
دولت : (رئي کان پڪڙي) ٻڌ تہ اما. هيل سوڏو جيڪي

چوڪريون ڊيڪاريون اٿيئي، سي سپ فل ميڪ اپ سان. هن جي سادگي ڏنئہ؟ رواجي ساڙهي، پائوڊر بہ نہ مکيل ۽ فلڪ ڪيڏي! ايندي شرط ماميءَ جي ٻارن جا ڪتاب کولي ڪين پڙهائڻ ويهي رهي.

پيءُ : پڙهائڻ ويهي رهي؟ اسانجا بہ تہ چار ٻار ٽيوشن تا وٺن مهني ۾، سؤ رپيا بچي پوندا.

ماءُ : اجهو توهانکي لڳي ٻارن کي پڙهائڻ جي. پر اهو ڪي ٻڌائي ٿو تہ چوڪري ڪهڙي آفت آهي. پڇوس تہ سهين تہ چوڪري ويئي تہ ماميس چا چيو؟

پيءُ : چا چيائين پٽ؟

ماءُ : اهو وري ٻڌائيندو چا؟ ماميس ٿي چوي تہ چوڪري خود پسند ڪري آئي هئي دولت کي.

پيءُ : ائين؟ (ويچار ڪري) پر پوءِ چا ٿيو، دولت ماءُ، اڳي ڪين راجڪمارين کي ور ڳولهڻ جو حق هو. اسانجي ويدن شاسترن جي نيتي .....

ماءُ (تاڙي هڻي) : بس پيءُ پٽ پاڻ ۾ نهيا وينا آهيو. مان اجايو ٿي ٿڪا ڪانا چوُپيان.

(شاديءَ جي شهنائي)

(ٻئي ڪمري مان ڪورس گيت جهيڻو ۽ ڳڏوڳڏ پکين جي چهہ چهہ)

پيءُ (اُٻاسي ڏيئي) : آ .... ها .... دوليءَ ماءُ جاڳين پيئي؟

ماءُ : مونکي ننڍ ايندي ڪٿي آهي؟ (اوٻاسي)
پيءُ : نهٽين چڱو ٻارن کي سويل اُٿڻ تي هيرائي ڇڏيو آهي .... سچ چوانءِ دولي ماءُ، آهين ڀاڳن واري، نہ تہ اڄڪلهہ اهڙيون نهر آهن ڪٿي.
ماءُ : نريو ملڪ، توکي ڏي ننهن ملي آهي سڪي سڪي، ٻين لاءِ مڙيئي پرلئہ آهي!
پيءُ : بس بابا، ڏوريان ڏوريان ۾ لهان، شال ۾ ملان هوت. شاهہ صاحب بہ سچ چيو آهي. ڇهن مهنن ۾ ئي ننهن ونءِ جون سڪوُن پوريون ٿي ويئہ. مونکي تہ ٻُڌتيءَ ۾ وجهي ڇڏيو اٿيئي.
ماءُ : بس .... جڏهن ٻورا ٿي پريا تڏهن گڏهن ٿي هينگون ڏنيون.
پيءُ : ڏاڍي ڳهيلي آهين، دولي ماءُ. ڀلا مورين گجرين تي بہ لکن جا لال وڪيا آهن؟ ڇڏ اجايون ڳالهيون.
ماءُ : ٽيهہ ئي ٽويا ڇڏي تہ ويني آهيان. نہ ڄائي شل سا سس جنهن ڏڻ وار تي ڏند نڙڪو بہ نہ ڪيو.
پيءُ : (کنگهي) ڇا ۾ وجي موهہ پيو اٿيئي؟ ننهن ۾ موهہ رکہ ننهن ۾. ننهن جي آنديءَ لاءِ نہ اکيون وڇاءِ. ڏسين ٿي تنهنجي ٻارن کي ڪيترو پيار ٿي ڪري! جيڏيءَ مهل ڏس تيڏيءَ مهل ٻارن جو ڳلرِ ونيو ويني آهي. ويني پاڙهين ڳاڙهين ۽ تو مٺان ڪم جو بوجو بہ تہ گهٽائي ڇڏيو اٿس.

ماءُ : هاڻي سيکي ٿيو. توهين تہ بلهار پيا وڃوس.
وس پڇيو تہ ڇوڪريءَ کي چاڙهي ڪٽي ڇت تي وهاريو.
پيءُ : الاجي ڪڏهن اکيون کلنديءَ، دولت ماءُ. تنهنجي
سڪل من ۾ الاجي ڪڏهن ساوڪ لڳندي.
ماءُ : صبح مرداني حرف پڙهيندا آهيو، انڪري ئي تہ
هتي ڪانہ ويهندي آهيان. هاڻي منهنجو من ٿيو سڪل!
پيءُ : تون تہ چنبڙنديون اهڙين ڳالهين کي جو بس.
ٻڌءِ؟ ڪلهہ ٻارن چيو تہ اسانکي انگريزي اسڪول مان اُٿاري
سنڌي اسڪول ۾ وهاريو. تون ئي چئہ تہ جتي اڳي
سڄو ڏينهن انگريزيءَ ۾ گٽ مٽ پيئي پوندي هئي اُتي
اڄ شاه جي بيتن ۽ ساميءَ جي سلوڪن جو پرلاءُ پيو پوي،
سو توکي نئو وڻي؟
شوپيا (اندر اچي) : امي، بابا، چانهہ تيار آهي.
دولت پيءُ : اِجهو پٽ! اُٽ دولت ماءُ، شوپيا پٽ ڳالهہ
تہ ٻڌجانءِ.
شوپيا (ويجهو اچي) : چئو بابا.
دولت پيءُ : پٽ! ٻارن جي مرضي آهي تہ سنڌي اسڪول
۾ وهن، تنهنجي ڇا صلاح آهي؟
شوپيا : ٻار نيڪ ٿا چون. بابا، ڀارت ماتا ۽ ڌرتي ماتا
کي پيار ڪرڻ سان گڏوگڏ اسين پنهنجيءَ ماتا کي بہ
تہ پيار ڪندا آهيون.
دولت ماءُ : ائو ڇي گهوٻاٽو. هو پڇيئي هڪڙي ڳالهہ،

تون چئه بي ڳالهه.
شويا (کِلي) : ساڳي ئي ته ڳالهه پئي چيم، امي. اسين ٻين ٻولين سکڻ سان گڏ پنهنجي ٻه ته ٻولي سکون. ٻار جيڪي پنهنجي ٻوليءَ ۾ سکي ۽ سمجهي سگهندو، سو ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ٿورو ئي سمجهي سگهندو؟
دولت ماءُ : پنهنجو ڏيهه ويو هاڻي ڏيهاڻي کهڙي؟ ڪنهن تي چاتو ته هيئن ڪٿو تي ويندا سين. ڪيچين قهر ڪيو ....
دولت پيءُ : هاڻي هيءَ ته وڃي پهتي سنڌ ۾. (شويا کي) تون ڏيءَ وڃي ٻارن کي سنڌي اسڪول ۾ داخل ڪرائي اچ.
شويا : چڱو بابا!
(هڪ سنڌي ڪافيءَ جو آواز)

’مان ساريان سانگيئڙن کي، منهنجا مارو وسن ملير.
پٽ پهريندس ڪينڪي، لوئي اباڻي لبڙ.
ڪِي بندياڻي بند مان جيئري لاهه زنجير.
وسيا مينهن ملير ۾، آئي ڏکڻ هير.
سرتيون شاه لطيف چوي، پيڪا مليچ پير.‘

دولت پيءُ (کنگهي) : خبر ئي نٿي پوي ته دولي ماءُ کي ڪنوار سان ڇو نٿي پوي. کهڙي سني تي ڳائي. اگربتيون به اهڙيون ڪٽي ٻاريون اٿس جو دل ئي خوش ٿي پيئي آهي. شام جو اداس سمو به کهڙو نه وڻندڙ

تي پيو آهي. اڳي جتي ٻار پيا رنبا سنبا ناچ ۽ ٻي
معنيٰ هنبوچي چي ڪندا هئا، اتي هي دل سوريندڙ واتاورڻ
الائي چو نٿو سندس چت چوري. (ڏورو اڳيان اچي)
ستي ڏيءُ ماڻهين ڪٿي آهي؟
ستي : رنڌڻي ۾ ماسيءُ سان ويني آهي، بابا.
پيءُ : رنڌڻي ۾؟ ڪهڙيون پيئي ڳجهيون ڳالهيون ڪريس!
(رنڌڻي ۾)
ماسي : نهڻ اهڙي آپسوارٿڻ نڪتي جو مڙس جي پگهار
مان سؤ مونکي ڏياريو اٿس. چار سؤ ڪنيا اٿس پاڻ،
ٻن ٻارن واريءَ. پوءِ ٻه چوي پورت ڪانهي.
دولت ماءُ : مائي، گروهءِ ڪا منهنجي لڄ رکي. نهڻ،
ڏيتي ليتي سا ڪانه ڪئي آئي، باقي لڇڻ اهڙا اٿس
جو اندر ئي ناري چڏيو اٿس. جهڙو آهي منجهس شيوا
جو انگ، تهڙا اٿس اُچا ويچار. انگريزيءَ ۾ ٻه ايم.ايف.
(ايم.اي.) الاجي چا پڙهيل آهي. پر ڳالهائي سنڌيءَ
۾. ٻارن تي ٻه اهڙو ڪو جادو ڪري چڏيو اٿس جو
انگريزي اسڪول چڏي وڃي سنڌي اسڪول ۾ وينا آهن.
(دولت پيءُ جي ڪنگهڪار)
آواز : اڙي، نڙ ته لڪاءِ، نڙ ته لڪاءِ!
دولت پيءُ : هاڻي لڪايو چا ٿيون. خبر اٿم ڦوڪ پريندوين
آهيو. پر دوليءَ ماءُ ٻاهر ته اچي ڏس سنڌو درياهه وهيو
آهي اسانجي گهر ۾ ....

دولت ماءُ : تنهنجي، ننهن ڏسي، نيڻ ٺا ٺرن.
دولت پيءُ : تنهنجن ٻه سڀ ڳالهيون ٻڌي ورتيون اٿم. پيڻ سان ته هڪڙو اندر ٺي اورين. مونسان ڳالهيون ٺي پيون پيئي ڪرين. اهو ناريل وارو ڪوڙو ڪوپو هاڻي لاهي ڦٽو ڪر، دولت ماءُ. هلي ڏس ته نهٽين ڪهڙي رونق لائي ويني آهي.
ماسي : چڱو اما، مان پيا هلان.
دولت ماءُ : تون وري ڪيڏانهن وينديءَ. هل، تون به هلي ڏس، ڪهڙي سنڌو وهي آهي اسانجي گهر ۾.

(راڳ جو آواز چٽو ٿيندو وڃي ٿو)

(آل انڊيا ريڊيو تان براڊڪاسٽ ٿيل)

[نئين دنيا - ١٩٦٢]

---

اڄ ئي گهرائي پڙهو

# وڇوڙو

(سنڌي ٱتمچنداڻيءَ جو ساهت اڪادميءَ جو انعام کٽيل ڪهاڻي-ڪتاب)

# نئين ڪنوار

**ڪردار** : ليلان ۽ شيام (پيءُ ياءُ) آشا - (ليلان جي ساهيڙي)، ديپڪ - (آشا جو ياءُ، شيام جو دوست)، گوپي - (ليلان جي پاڙيسرياڻي)، نئين ڪنوار - (ليلان جي نئين پاڙيسرياڻي).

## (نظارو پهريون)

(هڪ جڳهہ جي ٻاهرئين ڪمپائونڊ ۾ باغ وانگر ٿوري پوک آهي. هڪ ئي قطار ۾ ٽي چار دروازا آهن. هڪ دروازي مان ليلان ڪرسي گهليندي ٻاهر اچي ٿي ۽ ٻئي در ۾ منهن وجهي سڏ ڪري ٿي.)

ليلان : گوپي ويٺي آهين؟ ٻاهر تہ آءُ. مس وڃي برسات بند ٿي آهي، اچ تہ ڪو ننڍو نڪاءُ هڻون.

گوپي : (پنهنجي گهر مان ڪرسي کڻي ٻاهر اچي ٿي)
پيءُ مان ٻہ گهر ۾ ويهي ويهي اچي ڪڪ ٿي آهيان،
پر ٻڌ تہ (هيڏانهن هوڏانهن نهاري) پاڙي ۾ جيڪو نئون
جوڙو اچي وينو آهي اُنجو ڪو ترياءُ لڌو اٿيئي؟
ليلان : (چوڌاري نهاري رازدار نموني ۾) مان تہ پانيان
ٿي ڇوڪريءَ شادي ٻہ ڪانہ ڪئي آهي، ڀڄي آئي آهي
- نہ اٿس مٽيو، نہ اٿس منڊي.
گوپي : (وڏيڪ راز سان، چپ ڦڏا ڪري، هٿ هلائي)
ڪپڙو گندي ٻہ سچو سوٽي ڏسندي آهيانس. (ٿورو سوچي)
پر ليلان شادي نہ ڪيل هجين ها تہ هيئن داناڌستيءَ
اچي پاڻ ۾ گڏ رهن ها ڇا؟
ليلان : ڪيئن چئجي ڇوڪري تہ صفا ٻٽي آهي.
گوپي : ليلان ڇوڪري ٻٽي برابر آهي پر منهن ۾ ڪا
مٽيا ضرور اٿس. سوٽي ساڙهيءَ ۾ ٻہ ڇوري ٻڪ پيئي
سونهين.
ليلان : (مرڪندي) اوجهو، توکي تہ لڳي سونهن جي.
سمجهين ٿي، جيئن تون پيئي سچو ڏينهن پنهنجا هٿ
پير ڏسي نرين تيئن سيئي هونديون. پر اتي تہ ڪوڙو
پيچ تہ سهٽين ڪي تہ پاڻ مٽئي ڪپڙي جو گهٽو شوق
ٿيندو آهي؛ سو هتي جا لس ٻس لڳي پيئي آهي، تہ
رنڌٽي ۾ مڙيوئي ڪو رولو هوندو.
گوپي : خير، وڃي ڪڏ پوي. پرائي جهاڙ پرائي جهرڪي

آجايو وينا پاڻي ولوڙيون. نئين ڪنوار نوَ ڏينهن لڳي پٽي ڏه ڏينهن. اڃا ڇوڪريءَ کي پاڙي ۾ وڃڻي ٿيا آهن ٿڪ ۾ ٿي ڏينهن، هِرِي مِرِي ويندي تہ پاڻيهي اڃا ڪارا پڌرا ٿي پوندا.
ليلان : آڇن ڪارن جاڻڻ جي خواهش ڪنهنکي پيئي آهي. آپ اڪئين پيو ڏسجي. مان تہ هڻڙيءَ ڇوڪريءَ سان ياچيءَ جو رستو بہ ڪين رکنديس. ڏسج ....
گوپي : چو مات ڪيئہ ....
(ليلان مٽ پيڙي چپ رهڻ جو اِشارو ڪري پنيان نهارڻ لاءِ اکين سان ٿي چويس. ٻئي نهارين ٿيون. هڪڙي ڇوڪري هڪڙي هٿ ۾ سوئا ۽ پشم ٻئي هٿ سان ڪرسي گهليندي پيئي اچي. سندس ٻانهون ۽ ڪن وغيره ٻُڏا آهن.)
نئين ڪنوار : (ڪرسي رکي، اُن تي ويهي) گهر ۾ اچي اُٻاڻڪي ٿيس، سو چيم : چو نہ توهانجي وندر جو ڪجھہ حصو اچي چورايان. (ٿورو ترسي) چو ياڻي، ٻئي مات آهيو. منهنجو اچڻ توهانکي نہ وڻيو ڇا .... مون تہ سمجهيو، توهين چونديون ۽ وندر ڪا اهڙي چيز ٿورو ئي آهي جا چوري ڪرڻ سان کٽندي.
گوپي : (ڳري آواز سان) ڇوڪري! هو نوجوان ڇوڪرو توهانجي گهر ۾ رهندو آهي، اُهو تنهنجو ڪير ٿئي؟
ڪنوار : (مٺي آواز ۾) منهنجي پٽيءَ جي ٿيون ڳالهہ

ڪريو.

ليلان : (عجب ۾) هان! تنهنجو گهوٽ آهي؟ ڇا ڪندو آهي ....؟

ڪنوار : ماستري ڪندا آهن، هيئنر ٽيوشن تي ويا آهن.

گوپي : ڇوڪري، جي گهوٽ اٿيئي تہ پوءِ تو هٿ پير ڇو ٻڌا ڪيا آهن؟ ڪا تہ شاديءَ جي نشاني بدن تي هجي!

ڪنوار : ڀلا مرد ڪهڙي ٿا شاديءَ جي نشاني بدن تي رکن؟

ليلان : انڪري ئي ڪيترين ڇوڪرين دوکو کائيندين آهن.

ڪنوار : (مرڪي لوڏ سان) پوءِ ڀلي ڪي ڇوڪريون بہ تہ اهڙيون ساماڻجن، جي ڇوڪرن کي دوکو ڏين.

ليلان : ڪيئن گوپي، هاڻي سمجهي ويئينءَ نہ، جيڪي اڳهڻو چيومانءِ ....

ڪنوار : (هراس ۾) اوهہ، مونکي شايد چرچو نہ ڪرڻ کپندو هو. پر هن ڀيڻ کي مان روز گهوٽ سان گڏ آفيس ڏانهن ويندي ڏسندي آهيان، هنکي بہ تہ ڪو مڙيو پيل ڪونهي!

گوپي : (اکر اکر تي زور ڏيئي) ڪنوار ذرا سنڀالي ڳالهاءِ، هيءَ ليلان، ڀاءُ سان گڏ آفيس ۾ ويندي آهي. اڇا ڪنواري

آهي.
ڪنوار : (عجب ۾) سچ! ۽ سندس پياءُ جي زال پلا گذاري ؟....

ليلان (عضي مان) : گوپي ڏسين ٿي، هيءَ جوي چا پيئي.
گوپي : (نهر سان) بابلي هي ٻئي پياءُ پيڻ آچا ڪنوارا آهن.
نئين ڪنوار : هاءِ رام! جواني نہ موٽي ويئي اٿن. اجا شادي ڪڏهن ڪندا؟
ليلان : اِها بہ ڪا ڳالهہ آهي؟ شادِي ڪرڻ ڪا کيپ ڪٽڻي آهي چا؟ سوئي ٻٽي دائي رهي شادي ڪجي، تنهن کان تہ بس پلي. هوُن، مان تہ وڃان ٿي گوپي!
گوپي : سو مان بہ هلان ٿي، مان وري ويهي رهنديس چا.

(ٻئي وڃن ٿيون)

ڪنوار : (پاڻکي) الا! هي مونکان کهڙي غلطي ٿي ويئي. نئين پاڙي ۾ پاڻ لاءِ کهڙو ٻرو اثر پيدا ڪري وينيس! ويئون تہ.کيئن هلي. توبهہ زبان چم جي ڪنهن نہ ڪم جي. چيم تہ سپ سچ ويني. الائي چاتان غصو لڳن. هاءِ! منهنجون تہ رڳون ئي وسامي ويئون آهن.

(پردو ڪري ٿو.)

# (نظارو ٻيون)

مڪان : ليلان جو گهر         وقت : رات.

ليلان : (ڪمري ۾ اچي شيام کي کٽ تي وهاٽي ۾ منهن هٽي سمهيل ڏسي ٿي) بتي ٻہ نہ ٻاري اٿيئي شيام. (بتي ٻاري ٿي) هيئن ڇو اچي اونڌي منهن وهاڻي تي ڪريو آهين.

شيام : (وهاڻي ۾ منهن هوندي) ڪجهہ ڪينهي. پڪچر تان موٽيو آهيان. ذرا اکين ۾ سور آهي.

ليلان : (خارن ۾) روٽي کٽي اچان؟

شيام : مونکي بکہ ڪانهي، تون کائي ڇڏ.

ليلان : ڏوڙ پائي ڇڏيان. هڪڙو هن نئين ڪنوار جون ڳالهيون ٻڌي من ئي خراب ٿي پيو آهي، ٻيو تنهنجو بہ هي رکو ورتاءُ ... (روئي ٿي) ... هڪڙو گهر ۾ اڳيئي ڇيچڀات، باقي تون بہ اٿين منهن ويڙهي سمهہ ....

(ديپڪ ۽ آشا ليلان جا ڇپاڙيءَ وارا اکر ٻڌندا اچن ٿا.)

ديپڪ : ڀائي ڪنهن تي ڇتين آهين؟

ليلان : (اکيون اُگهي، ماٺي سان مرڪي ٿي ڏئي.)

ديپڪ : (کِلي) ڀائي ڇاجي ڇيچڀات لڳي پيئي آهي، اسين جو ڳالهائڻ وارا وينا آهيون.

آشا : (ڪرسي سيري اُن تي ويهي) شيام، ڇو هاڻي ۾
منهن وجهي وينو آهي.
ليلان : پڪچر ڏسي آيو آهي، بس ڪنڌ ئي نٿو مٿي
ڪڍي.
ديپڪ : اُڇا، تڏهين رومئنٽڪ موڊ ۾ آهي.
آشا : ڪهڙي پڪچر ڏسي آيو آهين شيام.
(شيام اکيون مهٽي اُٿي وهاڻو گوڏن تي رکي وهي ٿو)
شيام : (ٿورو مرڪي) توکي نہ ٻڌائبي.
ديپڪ : اوهہ، اسين بہ اڄ پڪچر تي وڃڻا هئاسين، پر
گهر ۾ دوست اچي ويا.
آشا : ڀائو سڀاڻي پڪ هلنداسين.
ديپڪ : ليلان تو ڏٺي آهي؟
ليلان : ڏسين تہ ٿو ڀائو اڪيلو وڃي ڏسي آيو آهي.
ديپڪ : ڀائي مان بہ انهيءَ رائي جو آهيان تہ جن کي
شادي نہ ڪرڻي آهي انهن کي پيار جون پڪچرس ڏسڻ
نہ گهرجن.
ليلان : ڇو توکي ڪوئي ڪن ۾ ٻڌائي ويو آهي تہ فلاڻي
يا فلاڻي کي شادي نہ ڪرڻي آهي. هوءَ نئين پاڙيسرياڻي
بہ ڇري ڇوي : الا، اڃا شادي ڪڏهين ڪندا؟ ڇو ڪانئس
پڇي پوءِ ڪوئي شادي ڪندو. (خارن ۾ ڇڪي مان پليئون
لاهي ٿوال سان اُگهي ٿي.)
آشا : (اوچتو ڪرسيءَ تان اُٿي) ليلان ڀاڻين جون اکيون

نہ ڏس ڳاڙهيون جهڙيون لال - تپ تہ ڪينهيس.
ليلان : (نرڙ تي هٿ لائي) آئي رام! جنسي ٻٽ ٿا ٻرنس.
(تڪڙي تڪڙي وڃي پيتيءَ مان ٿرماميٽر ڪڍي اچي
ٿي. ياءُ کي ليٽائي ٿي. ديپڪ کيس مدد ڪري ٿو
ٿرماميٽر شيام جي وات ۾ وجهي ٿو.)
ديپڪ : (واچ ۾ ٽائيم ڏسي ٿرماميٽر ڪڍي) اوه! هيڏو
تپ! (ٿرماميٽر ليلان کي ڏيئي) مان وڃي ٿو ڊاڪٽر کي
سڏي اچان. تيسين ڪولا واٽر جون پٽيون رکيس.
(ليلان پٽيون رکيس ٿي تہ ٿورن منٽن کانپوءِ آشا ويجهو
اچيس ٿي.)
آشا : ليلان مان ٿي پٽيون رکانس. تون وڃي گراهي
کائي اچ.
ليلان : ڪاڏو ٻن پيو، بخار تہ ڪيترو اٿس! مان تہ جنسي
مري ويئي آهيان.
آشا : (زوريءَ اٿاري) ڏس ليلان ضد نہ ڪر، تون وڃي
گراهي کائي اچ.
(ليلان وڃي ٿي. ٻاهران ڏيڏرن جي ٽان ٽان پيئي ٻڌڻ
۾ اچي.)
شيام : (غشيءَ واري لهجي ۾) هي گوڙ ڇاجو آهي ليلان؟
آشا : ٻاهر مينهن جي پاڻيءَ ۾ ڏيڏر پيا ٽان ٽان ڪن.
شيام : (ٽنگون ٻانهون هلائيندي) اڙي ليلان ٻتي تہ وسائي
ڇڏ، اکيون ٿي ڪڍي.

آشا : (کِلِي) اڙي واه اکيون تہ بند اٿيئي (اُٿي بتِي وسائي ٿي. رڳو ڳاڙهي روشني آهي.)
آشا : (شيام جي کٽ پرسان پيل ڪرسيءَ تي ويهي) پر مان ليلان ڪانہ آهيان. آشا آهيان آشا.
شيام : آشا ... (ڏکهو ساهہ کڻي ٿو.)
آشا : (پٽي بدلائي) هينئر ڪيئن آهين؟
شيام : آشا .... ڪيڏن سالن کان اڪيلائي هتي گهيرو ڪيو ويني آهي (ڇاتيءَ کي مهٽي ٿو ۽ آشا جو پٽي بدلائڻ وارو هٿ کڻي پنهنجي ڇاتيءَ تي رکي ٿو.) هتي ... او هتي ....
آشا : (گهٻرائجي) شيام مونکي پٽي بدلائڻ ڏي. ڇڏ، ڏس ڪير ڏسي نہ وٺي. (زوريءَ هٿ ڇڏائي ٿي وٺي ۽ سهڪي پيئي.)
ليلان (اندر اچي بتيءَ جو سئچ کولي) : اونده ڇو ڪئي اٿيئي، آشا؟
(آشا مونجهاري ۾ اُٿي بهي ٿي، ڇڻ چوري ڪندي پڪڙي آهي، ائين هٿ پٽي مهٽي. ديپڪ ڊاڪٽر کي وٺي پهچي ٿو.)
آشا : (سهڪندي ديپڪ جي ٻانهن ۾ هٿ وجهي) هل ديپو گهر هلون. ڏاڍي دير ٿي ويئي آهي.
ديپڪ : ٿورو تہ ترس!
آشا : (دروازي تائين وڃي ٿي) اچ تہ اچ نہ تہ مان وڃان

ٿي.
(ليلان، ديپڪ ۽ شيام سڀ ڪن ٿا 'آشا آشا' پر هوء هلي وڃي ٿي. شيام ٿورو اُٿيو آهي، سو وري ڦهه ٿي ليٽي پوي ٿو.)

(پردو ڪري ٿو)

## (نظارو ٻيون)

مڪان : ليلان جو گهر وقت : صبح جا اٺ بجا.

(ليلان ھن گلاس ۾ کير پيئي ناري، ديپڪ ۽ آشا اچن ٿا. شيام بستري تان ٿورو اُٿي وري ليٽي پوي ٿو.)
ليلان : واه هينئر تہ صبح سان پڇندا ائين آيا آهيو ڄڻ رات ننڊ ئي ڪانہ آيو ۽ اوڏي مهل تہ ائين رفوچڪر ٿي ويا جو ....
ديپڪ : (شيام جي نرڙ تي هٿ رکي) اڙي ياٿي، اِهي سڀ انهيءَ آشا جا ڪم اٿيئي. هنکي ڪهڙي خبر تہ شيام سان منهنجو ڪهڙو دلي ناتو آهي. ڪيس ڪا جگري ساهيڙي هجي تہ ڪل پويس .... مونکي تہ رات .....
ليلان : ها ها ننڊ ئي ڪانہ آئي اٿيئي نہ؟ اُٺ شيام کير پيءُ (گلاس ڇپن وٽ رکيس ٿي.)
ديپڪ : بخار تہ هينئر گهٽ اٿس. پهرين ڊاڪٽر ڏاء چا چئي ويو.

ليلان : اڙي آشا، تون ڇو وڃي اڄ اوپرن وانگر پري پري وينٺي آهين؟
(آشا پتين ۽ چت ڏي پيئي نهاري)
ديپڪ : ڇڏ آشا کي. سندس موڊ خراب آهي. پهرين تون ٻڌاءِ، ڊاڪٽر ڇا چئي ويو.
ليلان : توبهه، جن ڇڏي جنڙي ڇڏي، پر تون نه ڇڏيندين.
(اِشارو ڏيئي پاڻ رنڌڻي طرف هلي وڃي ٿي. ديپڪ پنيانس وڃي ٿو.)
شيام : آشا ....
آشا : (پروٽنجندي منهن پيئي مهٽي) هيءَ ....
شيام : ويڄهو اڄ.
(آشا مونجهاري ۾ اُٿي بهي ٿي، پر اڳيان نٽي وڌي.)
شيام : (ٿورو ڪنڌ ورائي) ڇو آشا توکي ڏپ آهي ڇا ته مٽان رات وانگر پاڻ تان ضابطو وڃائي نه وهان؟
آشا : (اڳيان اچي) الاجي .... پر .... تون ....
شيام : راتوڪي هلت لاءِ معاف ڪرڻو پونديءَ آشا ... پانيان ٿو منهنجي دل ۾ هڪ خال پيدا ٿي ويو آهي.
آشا : خال .... ڪنهنجي دل ۾ نه .... آهي.
شيام : مونکي ته لڳي ٿو، اها من جي ڪوت، ڪا استري ئي پري سگهي ٿي آشا ....
(اوچتو نئين ڪنوار هڪ ٻٽونئون ڪٽي اچي آشا کي ڏئي ٿي.)

ڪنوار : هي ٻلونئون توهانجو آهي؟
آشا : (ڇرڪي) او تون .... او ٻلونئون تنهنجي گهر وساري آئي هئس. تنهنجي وڏي مهرباني. پر تون در وٽ ڇو بيٺي آهين. اچ اچ (ڪرسي آڇيس ٿي - نئين ڪنوار ڪرسيءَ تي وڃي ٿي.)
ڪنوار : هي توهانجا ڪير ٿين؟
آشا : شيام؟ ... هيءُ منهنجو .... هي اسانجا ...
(ليلان ۽ ديپڪ پاڻ ۾ صلاحون ڪندا اچن ٿا.)
ليلان : (نئين ڪنوار کي ڏسي ڇرڪ ڀري) اڙي نئين ڪنوار تون!
آشا : (عجب ۾) ڪنوارا اِهو ڇا؟ تڏهين تنهنجي شادي ۾ ٿيل آهه، ڀيڻ. تڏهن هو جنهن تنهنجي گهر ۾ ڪتاب ويٺي پڙهيو ....
ڪنوار : (ڪنڌ سان ها ڪندي ۽ مرڪندي) ها اُهو منهنجو جيون ساٿي هو.
ليلان : (آشا جي چوٽي ڇڪي) پر مونکي ته ٻڌاءِ آشا راڻي، تون ڪيئن اسانجي هن نئين پاڙيسرياڻي کي سڃاڻين؟
آشا : (نئين ڪنوار جو هٿ پنهنجن هٿن ۾ جهلي لاڏ مان) ڀائي تنهنجي نئين پاڙيسرياڻي ته جهونين ڪان ئي وڏيڪ پنهنجي نڪتي. مان سندس در اڳيان گپ ۾ ترڪي پيس ته زوريءَ پنهنجي گهر وٺي هلي. هيءَ

ساڙهي پهرايائينم.

شيام : (آشا کي ننهن چوڻيءَ جاچي) اڙي واه، تون ساڙهيءَ ۾ ڏاڍي سني پيئي لڳين.

آشا : (شرمائجي جانا پري) توبهه توبهه (ڪجهه سوچي) پر ڪنوار هڏاءَ تہ سهين، تو ٻانهون ڇو ڍڪيون ڪيون آهن ءَ ڪن بہ ڪونہ ٽوپايا اٿيئي؟ ....

ڪنوار : سچ ڪري پڇين تہ پيڻ جن مٽين جي ڪري اسانجي قوم جون ڪيتريون ڇوڪريون ڪنواريون رهجيو وڃن، تن مٽين کي پنهنجي بدن تي پائيندي، مونکي تہ پاپ ٿو لڳي.

آشا : پر شادي کيل ڇوڪري بنا مٽئي منڊيءَ جي سوسائٽيءَ ۾ اچي وڃي تہ دنيا ڇا چوندي؟

ڪنوار : ڇا چوندي دنيا؟ مونکي تہ پڪ آهي تہ جيڪي زالون مونکي ڏسي ٻاهران شايد موڙو بہ ڏيئي وينديون آهن، سي ئي اندر ۾ اِئين چونديون آهن تہ سنديس وڏوَر ڏيئر پينر بہ جيڪر مٽئي ءَ اوچي ڪپڙي پائڻ جو موه ڇڏين تہ مون وانگر گهر تڙ واريون هجن.

شيام : (اُٻاسي ڏيئي ڪر موڙي) آشا جي شڪل مان تہ ائين ٿو لڳي تہ ڪيس اِها ڳالهہ ڪانہ آئڙي. شايد آشا جو خيال آهي تہ مٽئي ڪپڙي ۾ ئي سونهن آهي.

ڪنوار : ڀائو ڪنهن حد تائين مٽئي ڪپڙي ۾ سونهن آهي ئي، مگر ....

سيام : ها ڇئہ مگر ڇا؟ ....

ڪنوار : مگر اُهو سون ئي گهوريو جو ڪن ڇني. جڏهن اسانجي وچولي طبقي جي گهر جي حالت اهڙي اچي ٿي آهي جو پيٽ پالڻ ئي مشڪل ڳالهہ ٿي پيئي آهي، تڏهين اهڙي ڪهڙي ضرورت پيئي آهي، جو مٽئي ڪپڙي جي پيڪي تان گهر ٻار ناهڻ جي منڙن احساسن کي گهوري ڦٽو ڪجي.

ليلان : (رنڌٽي ڏانهن ويندي) پر مٽئي منڍيءَ کان سواءِ ڇوڪري شادي ڪيل ڪيئن لڳندي؟

ڪنوار : ٻائي، سچي معنيٰ ۾ شادي ڪيل ڇوڪري تہ اُها آهي جنهن جي دل پتيءَ جي پيار ۾ جڪڙيل آهي، باقي جتي شاديءَ جو سچو پيار ناهي، دلين جي ڏي وٺ بدران، سودي بازار ۾ ڇوڪرن جا اگهہ چڪائي چڪائي شاديون رچايون ٿيون وڃن، اُتي تہ شادي ڪابہ معنيٰ ڪانہ ٿي رکي. شاديءَ کانپوءِ بہ ٿوري گهٽي ڳالهہ تان ڇوڪري پيڪي در جي هوا پيئي کائي. پوءِ اهڙي گهر ٻار جي سکہ کان وانجهيل ناري، ٻلي سرير تي مڻ سون جا پائي گهمندي هجي تہ بہ مان تہ کيس شادي ڪين ڪيل سڏينديس.

(ديپڪ جو هيترو وقت ڪنڌ ۾ رکيل رڪارڊن ڏسڻ ۾ مشغول هو سو ڏاڍي ڌيان سان نئين ڪنوار جون ڳالهيون ٻڌڻ بهي رهيو آهي.)

ديپڪ : (هٿ چنبدي) واه ڀائي. ٻڌين ٿو شيام.
شيام : ٻڌان ته وينو پر ڪنن تي اعتبار ئي نٿو اچي.
ڪنوار : (شرمائي ڪرسيءَ تان اُٿي) اوهه مونکي ته ڏاڍي دير ٿي ويئي. چڱو سڀني سان نمستي! (هٿ جوڙي ڏاڍي فهميدي نموني وڃي ٿي.)
سڀيئي گڏجي : نمستي.
ديپڪ : (شيام کي چوي ٿو جو اجا دروازي ڏانهن ويٺو نهاري) ڇو انهيءَ نئين ڪنوار ۾ نظر اٽڪي پيئي اٿيئي ڇا؟
شيام : (ٻگهو ساه کڻي ديپڪ ڏانهن نهاري) ڏاڍي شخصيت واري زال آهي.
ديپڪ : واقعي!
شيام : سوچيان ٿو، اسانجي سماج ۾ جي سڀ ڇوڪريون هن جهڙيون هجن ته مون جهڙا نندي ڪمائيءَ وارا ڪلارڪ ڇو رهجي وڃن.
ديپڪ : مگر اهڙيون ڇوڪريون آهن ڪٿي؟
آشا : (تڏڪي سان) هون. ڇو نه آهن، اهڙيون ڇوڪريون ....
ليلان : (خوشيءَ ۾ تاڙي وڄائي) تڏهن توکي مٺين جو موهه ڪونهي؟
آشا : نه، رتي به نه.
ليلان : (رڙ ڪري) سچ ٿي چوين آشا؟

آشا : سچ ٿي ٿـ چوان ٿي. آخر استريءَ لاءِ گهر ٻار
کان وڌيڪ مٺئي ڪپڙي ۾ ته سڪه ڪونه رکيو آهي.
ليلان : (اُتساهه ۾) اوهه آشي، منهنجي آشا، تڏهن تون
منهنجي شيام ....
ديپڪ : خبر اٿيئي رات ڊاڪٽر ڇا چئي ويو آهي.
آشا : ڇا چئي ويو آهي؟
ديپڪ : چوي ٿو ته شيام کي جلدي شادي ڪرڻ گهرجي.
(آشا مرڪي شيام ڏانهن نهاري ٿي ته ليلان وجي ٿي
سندس ڳلي ۾ ٻانهون وجهي نرڙ چميس.)
ليلان : آشا، اڄ کان وني تون منهنجي آشا ٻاپي آهين
....

(پردو ڪري ٿو)

(نئين دنيا، ١٩٨١)

---

اڄ ئي گهرائي پڙهو

# مرڪ ٿي منع

(سندري اُتمچنداڻيءَ جو ڪهاڻي-ڪتاب)
قيمت : ٦٠ روپيا

# اُساٽ

**ڪردار** : (۱) ماءُ (۲) وملا (ڌيءُ)
(۳) چترڪار (وملا جو گهوٽ) (۴) رام (وملا جو پيءُ)

وملا : امي!
ماءُ : ڇئہ مِني.
وملا : مان سمجهان ٿي دروازي تي ڪڙڪو ٿيو.
ماءُ : ٻاهر ڪوئي ڪونهي، رڳو هوا پيئي ڪيلي، ڌيءُ .... اجايو ٻانولي نہ ٿيءُ. سمهي پئہ.
وملا : سمهي تہ پيئي آهيان، پر ننڊ نٿي اچي ... امي هو آيو ضرور هوندو.
ماءُ : تہ موٽي ويو هوندو، بس نہ؟
وملا : تون بہ، مون مان ورچجين پيئي نہ ... امي؟ (سڏڪو ڀري)

ماءُ : هاءِ هاءِ ... هاڻ روءُ تہ نہ. رات جا ٻارهان ٿا وڄن. گهڙي کن اڪ تہ لڳاءِ .... (گهڙيال جا ٺڪاءَ)

(وملا جو وڏيڪ روئڻ)

ماءُ : نہ روءُ مني! ڇو مونکي رڻ ۾ رات وڏي اڻيئي.

وملا : ڪير بہ منهنجو ڪونهي، هن جهان ۾ ....

ماءُ : مان گهر ڦٽائي تو وٽ اچي رهي آهيان. پاڻين کي بہ وني آئي آهيان. وسند جهڙو گهوٽ اڻيئي. اڃا ڇا ....

وملا : گهوٽ جا حال تہ ڏٺئہ نہ؟ جيڪي بہ چتر هاٺي ناهيا اٿس، تن مان هڪ منجهہ بہ مان ناهيان.

ماءُ : ڇا ٿيو پٽ. سائينءَ توکي جيئري ماس مان ويهي جوڙيو آهي. سڪٽن چترن ۾ نہ آهين تہ ڇاهي ڏيءُ؟

وملا : اوهہ امي، تون ڪانہ سمجهي سگهندينءَ ... مون تہ سندس هر چتر جي پريرڻا ٿيڻ ٿي چاهيو ....

ماءُ : ڏس مِني، ڪيئن اچي ڪوڙ ۾ من اٽڪائي، سيني کي حيران ڪيو اٿيئي .... ننڊ جي گوري ونندينءُ؟

وملا : .... ڪوڙ! ڪوڙ ڇاهي سچ ڇاهي ...؟

ماءُ : ڪوڙ اٿيئي، اِهو تنهنجو اوشواس تہ هو توکي ڇڏي بين پنيان ٿو ڊوڙي ۽ سچ اِهو آهي تہ تو اهڙي ڪلاونت سان لاڳون لڌيون آهن، جنهن ويچاري کي پنهنجو پاڻ بہ ياد ڪونهي.

وملا : سندس ڪلا ئي تہ مون لاءِ ڪوڙ ٿي پيئي آهي،

ء سچ ...! اوھا ... سچ ڪيڏو ساڙيندڙ آھي! .... مان سندس پتني ھوندي بہ سندس دل ۾ ناھيان ... امي!
ماءُ : وملا، ھاڻي شانتي بہ ڪٽي ڪر. منھنجون اکيون تہ جاڳي جاڳي دوڏا تي پيئون آھن ....
وملا : تون سمھي پئہ نہ امي ....
ماءُ : ءِ تون ھينئن چت ۾ اکيون انڪائي چري تي ءُ، اٿين نہ؟
وملا :(چڙي چڙي) نيٺ چري تہ تون ئي ڪري وجھندينءَ مونکي!
ماءُ : اوھا! بس ڪر ھاڻي. نٽي سني ٿئي اِھا تنھنجي ميڪ ميڪ ....
رام : (اندر ايندي) چاھي اما، وملا کي چو پيئي چڙين.
ماءُ : پٽ، چڙنديس ڪيئن نہ. اجاين خيالن سان ہر ڪيو اٿس مونکي ...
رام : اما تون ھلي سمھہ، مان ٿو ديديءَ جي سنيال ڪريان.
وملا : ھا، ڀائو تون اچي ويھہ.
رام : چئہ ڀيو حڪم.
وملا : ڀائو، سڀ مرد اھڙا ٿيندا آھن؟
رام : جيڪو تنھنجي اڳيان وينو آھي، اُنکي چا تي سمجھين؟
وملا : نہ، توکي تہ ڀاڀيءَ ٻڌي ٻانھو ٻڻائي ڇڏيو آھي.

رام : سنو ڪم ڪيو اٿس؟
وملا : ڪيئن چوان سنو ڪم نہ ڪيو اٿس. مان خود بہ تہ ائين ڪرڻ ٿي چاهيان.
رام : يعني پتيءَ جي اندر ڪلاڪار کي گُهٽي، پتيءَ کي پائڻ ٿي چاهين؟
وملا : نہ ائين بہ نٿي ڪرڻ چاهيان ... ها، پر مان اڪيلي ڇو آهيان؟
رام : اڪيلي ڪٿي آهين وملا! امي آهي، مان آهيان، تنهنجي پاپي آهي ۽ سڀ کان وڏيڪ تنهنجي ننڍڙي نندني آهي.
وملا : ها، مان اڪيلي ڪٿي آهيان ... ليڪن نہ پائو، مان اڪيلي آهيان هتي. هن ڇاتيءَ اندر الاجي ڪهڙي شيءِ پرجي ويئي آهي.
رام : ڏس، وملا، تون هاڻي ننڊ ڪر.
وملا : هائو ننڊ ڪرڻ کپيم. ڊاڪٽر جو چيو آهي تہ مان چرِي ٿي پونديس. پائو، مون جهڙي هرڪا زال چَري ٿي سگهي ٿي نہ؟
رام : بس وملا، هاڻي ڪوبہ بحث نہ ڪر ....
وملا : پر ٻاهر طوفان پيو لڳي، درين جي کڙڪن کي ٻڌين ٿو نہ؟ ڪيئن ننڊ ايندي ....؟
(چترڪار جو اچڻ)
چترڪار : رام، وملا! ڀئي جاڳو پيا ڇا ....

رام : هائو ڀائو، وملا کي ننڊ ئي نٿي آئي. ڏسو ڪيئن پيئي روئي.
چترڪار : وملا! اڙي وِمل، روئين ٿي پڳلي! هن مهل تائين دروازو توئي کولي رکيو هو.
رام : ڀائو، مان ڀلا سمهان ٿو وڃين. غصو نہ ڪجوس. ڊاڪٽر چيو آهي، توهانجي اڄڻ سان وملا پنهنجو پاڻ ٺيڪ ٿي ويندي.
چترڪار : وِمل! ڊاڪٽر؟ ڇو ايتري طبيعت خراب هئي!
وملا : ٽي راتيون جاڳي آهيان. طبعيت ڪيئن نہ خراب ٿيندي.
چترڪار : پڳلي، هيڏو رودن. ڪاش! تون بہ مون سان ويهي چتر ڪڍين ها ....
وملا : ڪنهنجو چتر ٿي ڪڍيئہ. سچ ٻڌاءِ منهنجو قسم، سچ چئہ ....
چترڪار : پنهنجي ماڻهن جا ٿي چتر ڪڍيم ... ويچارا ملڪ مٿائي هتي آيا آهن. ڏينهن رات محنت ۾ جُنيا پيا آهن ... سنڌين ڪماريون، چيلهہ تي چونئري ڪنيو نلن تي قطارون ٿيون لڳائين ... ڪيترائي جوان جوانڙيون صبح جي فضا کي چيريندا آفيسن ڏانهن پيا ڊڪندا وڃن ....
رام : هائو ... مون بہ اميءَ کي چيو ويني تہ شهر ڇڏي هيڏو پري ان لاءِ ئي وڃي ٿو ...

چترڪار : اُتي ڪيڏو اُتساه تو مليم ... رنگ برش پنهنجو پاڻ ڪئنواس تي هلڻ شروع ڪيو ڇڏين ...

(وملا جو روئڻ)

ماءُ : اڙي اڙي! تون تہ وڃون وڃون پيئي ٿين!

وملا : امي ... امي ....

ماءُ : هاءِ هاءِ! ڪيئن ٿي ڪيڪرائي! ڇا ٿيو ڌيءُ؟

چترڪار : ڏس نہ، اڙي .... وملا ڇا ٿيو توکي؟

ماءُ : ڪيڏا تي سڏڪا پري - جا ماءُ هيءَ حالت ڏسندي هوندي سان ڪيئن سک سمهندي، پٽ، هينئر ڪجهہ بہ نہ چئينس، سرير اگهو اٿس. نِستي ٿي پيئي آهي. مان چانهہ ڍڪ ناهي ٿي ڪٽي اچان.

چترڪار : وِملوُ ... وِملوُ ... رُسي ويئينءَ. اڙي اڙي، هي تنهنجون اکيون ڪيئن ٿي پيئون آهن ... هرڻيءَ جهڙيون گهايل ...

وملا : تہ ڇڱيءَ طرح ڏسي وٺ هن پڪندڙ روح کي ...

چترڪار : ۽ هي سڪل چپ ... ڪنهن ازلي اُساٽ ڪان جلي اُتيا آهن ... پنبڙين هينان هي ڳوڙهن جون بوندون. وملا مِني وملوُ، اڄ هڪ نئون چتر ٺهندو.

وملا : نہ گهرجي مونکي اهو چتر. منهنجي ڇاتي سُڄي سور ڪان ٿي ڪڙهي! هٿ ڏس ڪيترا گرم آهن. منجهہ باه پيئي ٻري. منهنجي ساه ۾ نانگڙيون ٿيون ڦوڪارين.

ڪهڙو نهندو منهنجو چتر ....
چترڪار : شايد اهڙو چتر نهندو، جنهن جهڙو اڳ ڪڏهن نہ نهيو هجي ...
وملا : ڇا فائدو؟
چترڪار : اُهو چتر تنهنجي من جا ڀاو، ازلي اُسات جا ڀاو، تُز نموني پرگهٽ ڪندو.
وملا : مان بدنام ٿي وينديس.
چترڪار : سياويڪ جذبات کي جو بدنام ڪندو، سو خود ئي بدنام ٿي ويندو.
وملا : جذبات! ... منهنجي جذبات جي ڄَر سان ساري جهان کي آگ لڳي ويندي.
چترڪار : جهان کي هڪ نئين سوجهہ ملندي. نئين بوجهہ ملندي تہ استري رڳو ماڻهن جي وستو ناهي، خود ماڻيندڙ بہ آهي ....
وملا : ليڪن مان اڄ توکي چتر ناهڻ نہ ڏينديس ....
چترڪار : مطلب ... منهنجي هٿن مان پنهنجو هڪ نئون چتر ڏسڻ نٿي چاهين.
وملا : چتر جو لوڀ مون وٽ نہ رهيو آهي.
چترڪار : مگر مون وٽ جو آهي. منهنجي رڳن اندر تنهنجو اهو چتر ناهڻ جي تڙف ڇوليون ٿي ماري ....
وملا : تڙف ... چتر لاءِ، نہ مون لاءِ؟ ... (سڏڪا ڀري)
چترڪار : هيترا سڏڪا! ڇا ٿيو آهي توکي وملوءَ! نہ روءُ

ملا! نہ روءِ ...
وملا : روئڻ تو اچي نہ مونکي ... من نٿو جهلجي ...
چترڪار : ۽ چتر!
وملا : نہ کپي مونکي چتر.
چترڪار : منهنجي اندر وارو ڪلاڪار، چتر هٿ ڪرڻ لاءِ ائين تڙفي رهيو آهي، جيئن تون منهنجي لاءِ.
وملا : پوءِ بہ منهنجي پاونا لاءِ ڪائي همدردي ناهي تو وٽ؟
چترڪار : منهنجو ساڪار روپ، تو هڪ جي ترپتي آهي ۽ هي چتر، هزارين استرين جي ترپتيءَ جو ڪارڻ بڻبو.
وملا : ڪيڏيون وڏيون ڳالهيون آهن، تنهنجون ڪلاڪار!
چترڪار : اُن ڪلاڪار کي گهٽي پلا ڇا ڪندينءَ هن ڪوڪلي جسم کي؟
وملا : جيئن ٻيون استريون بنا ڪلاڪار پتيءَ سان رهي سگهن ٿيون، تيئن مان بہ رهنديس. نہ وِرهڻِي، پر ترپتي بڻجي ... اُسات لاهڻ لاءِ.
چترڪار : ناممڪن.
وملا : ڇو؟
چترڪار : هن سرير ۽ آتما اندر ڪلاڪار ايڏو اُسري چڪو آهي، جنهنکي جدا ڪرڻ سان ٻئي ٽٽي پوندا .... تنهنجو پتي بہ ۽ ڪلاڪار بہ ....
وملا : مان ڪجهہ نٿي سمجهان .... منهنجي مٿي جون

سڀ نسون نستيون ٽي ويئون آهن، ڪلاڪارا
چترڪار : خبر ناهي ڪهڙي ريشم ماں نهيل آهن، هي تنهنجا وار، بجليءَ جي لهر آهي منجهن ...
وملا : سچ ...! ڇا پيو سوچين؟ ....
چترڪار : مان ... سوچيان پيو ههڙن وارن لاءِ منهنجي چتر ۾ ڪهڙو رنگ موزون ٿي سگهي ٿو ... اهڙو رنگ جنهن کي ڏسندي ماڻهو اُهو ڪجهه محسوس ڪن، جيڪي مان اُنهن کي ڇُهندي محسوس ڪريان ٿو.
وملا : اوهه! ... ڪلاڪارا ڪيڏانهن گم ٿي ويو آهي تو منجهان، منهنجي پتيءَ جو سريرا ... اوهه ... اوهه ...

(چوندي چترڪار جي گود ۾ پاڻکي سمائي ٿي ڇڏي.)
(سنڌي سنگيت جو آواز)

[نئين دنيا - ١٩٧٠]

# دل جي ڏي وٿ

پاڙيسرڻ : سو ڪيڏانهن پيئي وڃين چندن جي ماءُ؟
چندن ماءُ : شِوَ جي لوٽي چاڙهي پيئي موٽان.
پاڙيسرڻ : اڙي چندن ماءُ پر خبر نہ ڪَر اها ڳالهہ ڪيئن تي؟
چندن ماءُ : ڪهڙي ڳالهہ تي پڇين؟
پاڙيسرڻ : اهائي تہ تون ڪيئن گنيون ڊالر چڏي، وڃين مڙين پڳڙن تي پٽ وڪٽي آئينءَ؟
چندن ماءُ : ائي اماں ائين نہ چئہ، مون پٽ وڪيو ڪونهي. منهنجو سدا سدورو ننڍي هوندي ڪان ئي جا چيز گهري، سا مان ڪيئن بہ وٺي ڏيانس.
پاڙيسرڻ : تہ ائين چئہ نہ ڪنوار ڪانہ ورتئہ، پر سستو رانديڪو خريد ڪري ڏنئہ پٽ کي. مان بہ چوان …

چندن ماءِ : ڏس مِنِي، اهو تہ آهي سمجهہ سمجهہ جو ڦير ...

پاڙيسرڻ : پر مان تي چوان اما، رڳ پئنجي ويئي آهي سڄي پاڙي ۾، تہ چندن ماءِ ٻير ڇڏي وڃي ککڙن تي پيئي.

چندن ماءِ : ادي ڇا جا ٻير، ڇا جا ککڙا، گهوٽ ڪنوار راضي تہ ڪوهہ ڪريندو قاضي. جيڪا ڇوڪِري منهنجي پٽ کي پسند آئي، سا وني ڏني مانس.

پاڙيسرڻ : ٻيو ڏيو اُکو ڦلو آرتي.

چندن ماءِ : بابلي ڪنواريتن کي جنهن سارؤ هو ان سارؤ ڏنائون، تہ بہ سيڪي ڏنائون.

پاڙيسرڻ : سيڪي ڏنائون؟ ڇري نہ هجي ڪا. منهنجي ياڻٽيءَ جا تہ چار مٽيا تي ڏنائون توڪي! منهنجي ياجائيءَ تہ ڦڪہ سان ڇيو هوءِ، تہ سوني ساڙهي پارائيندي سانءِ!!

چندن ماءِ : هاڻي اما مان تي جوڙيانوَ هٽ. ٻڌاءِ منهنجو پٽ شادي ئي نہ ڪري ها؟ موٽي ولائت هليو وڃي ها، تہ ڇا هٽ اچيم ها؟

پاڙيسرڻ : ائي سدا سدوري! هينئر وري ڇا هٽ آيو اٿيئي؟ ڦلا ۽ ڀِڳڙا نہ ...

چندن ماءِ : ۽ وڃي اُتي ڪا ٻيءَ ذات جي ڇوڪريءَ سان پرڻجي وِهي ها تہ؟ وَهيءَ چڙهيو تہ مِني هرڪو آهي ....

پاڙيسرڻ : سو ڇا ٿيو ... هونءَ بہ جوءِ وني هليو ويئہ

نہ ٻاهر ولائت ۾ ....
چندن ماءُ : سو ڇا ٿيو! پنهنجي سنڌياڻي ننهن اٿم، ڪڏهن پونڙا پونڙيون ڏسي ائين تہ چونديس، منهنجو گهر وڏيو، ڪل وڌيو. ڏاري جات جا ٻار نڪو مونکي سڃاڻن ها، نڪو منهنجي ٻولي سمجهن ها.
پاڙيسرڻ : توکي تہ شايد ڪنهن پڙهائي پٽيو ڪيو ٿو ڏسجي نہ تہ گهوٽ ماءُ کهڙي جنهن کي ڏند نرڪو نہ ڪپي. منهنجي ٻائٽي ملي ٿي ها، تہ جيڪر ٻاڻ تہ پيئي بهاري ڪرين ها، پر پاڙي ويڙهي وارا بہ پيا ڇيڇ ڪن ها.
چندن ماءُ : هاڻي بس ڪر اما. مون کي نہ روڪ، ڇڏ تہ وڃان. (وڃڻ جو آواز)

.... .... ....

چندن ماءُ : (در کڙڪائي) چندن پيءُ وينا آهيو؟
(در کلي ٿو)
چندن پيءُ : آئينءَ لوڻي وجهي.
چندن ماءُ : (ٿورو غصي سان) شيءِ تي تہ لوڻي چاڙهي آيس پر ماڻهن جي ٻوٽ تي کهڙو ڏکڻ چاڙهي اچان؟
چندن پيءُ : اڙي اڙي بگڙجين ڇو ٿي. ماڻهن جا ٻوٽ تہ پيا هلندا. ڳانو ڪونہ ٻڌو اٿيئي، ڪچہ تو لوڳہ کهينگي ...
چندن ماءُ : هاڻي ڦٽن تي لوڻ نہ ٻڙڪيو ....
چندن پيءُ : وري ڇا ٿيو توکي؟ هي پاڙي اوڙي واريون

ڪا چاهي تہ ڪانہ ڦيون ڦيرين تنهنجي؟
چندن ماءُ : چاهي نٿي لڳيم، اهوئي تہ روئڻو آهي.
سيني کي حال تہ گهڻا جواب ڏيو اچان.
چندن پيءُ : ۽ پوءِ هتي اچي مون مان ڪسرون ڪڍين.
ڇو جو مون توکي پٽ جي پسنديءَ واري ڇوڪري وٺڻ
لاءِ زور ڪيو.
چندن ماءُ : ائين تہ مان بہ ڪانہ ٿي سمجهان ڇا تہ
سچي شادي سؤدو ڪونهي، دل جي ڏي وٺ آهي.
چندن پيءُ : اڙي تہ ڀٽاري پوءِ ٽٽڻ ڇو ٿي ڏيکارين مونکي؟
چندن ماءُ : مونکي باهہ ٿي لڳي، جو جيڪي زالون مون
کي ڦيون ڦيڙين، اهي ڇا انڌيون آهن؟ ڪين زماني
جي ڪائي سُڌ ڪانهي؟ هتي ڪا سنڌ آهي ڇا جو مائٽن
واريون جلدي گهر ڳولهي ايندديون هيون ۽ ڏيب بہ پورو
وٺي ڏينديون هيون. هتي تہ لڏپلاڻ ڪري سنڌي ڪوڪو
ٿي ويا آهن. پاڻ وسائڻ لاءِ ڪيڏا وهڻ ولوڙڻا پيا آهن.
چندن پيءُ : ٻاهر سنڌي اچا هاٺي وچي پنهنجن پيرن
تي بيٺا آهن، سو ڪجهہ وقت تہ لڳندن جو ٿائينڪا ٿي
ڪنهن ڳالهہ تي سوچي ويچارين ۽ پنهنجي پڙهيل ڳڙهيل
اولاد تي پنهنجي راءِ مڙهڻ بدران پسنديءَ جي شادي ڪرائين.
چندن ماءُ : برابر، انڪري مون پٽ جي پسندي مڃي.
(سنڌي سنگيت جو آواز)
[سنڌو سنسار دهلي - ١٩٧٦]

# تـــڙڦ

ڪردار : (۱) پيءُ (۲) ڌيءُ وديا (۳) ڪنوار (ننهن).

ڪنوار (ڪاڏي جي ميز تي وهندي) : بابا، وديا تہ اڄ ڪمال ڪري ڇڏيو.

پيءُ : ڪنوار بيهہ تہ ڳريو ٿي ڪونهي، نهيو بس بس پٽاٽو وڌو اٿيئي، مونکي پٽاٽو ٿي ڪوڙ ٿيندو. ها ...

ڪنوار، پٽ وديا جي ڪهڙي تي ڳالهہ ڪيئہ؟

ڪنوار : بابا! وديا جي ڪاليج ۾ اڄ ٽيچرس ڊي پئي ملهاياٺون، ڪيس شاگردن کي ليڪچر ڏيڻ لاءِ چيو هئائون.

پيءُ : وديا بہ ليڪچر ڏنو هوندو؟

ڪنوار : رڳو ليڪچر نہ ڏنائين، اصل تتر وانگر اڇي ڦٽڪي. بابا مان ڪيس اڪين سان ڏسي آئي آهيان.

پيءُ : چؤ پلا؟ چا تي ڦٽڪي؟

ڪنوار : ڪلهہ جيڪا اخبار ۾ خبر پڙهي هئائين تہ آتنڪوادين ري گناه هڪ بس جي مسافرن کي هيٺ لاهي گولين سان ختم ڪري ڇڏيو. اُن تي هوءَ ڪلهہ ڪان

ئي ڪنڌ پاسو ڏيئي پئي ٺهڪي، بس ڪلاس ۾ موقعو ملنديئي اچي اُيامي.

پيءُ : اڇا! ....

ڪنوار : بابا .... هيءُ ڦلڪو نرم آتو.

پيءُ : چڱو ڪنوار اِهو رک منهنجي ٿالهيءَ ۾ .... پر ڳالهہ منجهائيندي نہ ڪر .... هاڻي وديا جي ويني ڳالهہ ڪيئہ ....

ڪنوار : بابا پهرين تہ اچي اسٽيج تي ويٺي، ڪنڌ هيٺ، پوءِ اجهو هيئن هٿ ڪٽي تي چوي : 'ڪلهہ ملڪ ۾ بلئڪ هول حادثو ٿيو آهي مگر ڌرتي ڏڏي ڪانهي ... آڪاش ڦاٽو ڪونهي ... بادل شايد برسات کي ڪٽي، اُڏامي ويا ... چو تہ ڏسي سهي ڪونہ سگهيا .... نردوش نگرواسين جو گولين سان قتلام! ... دنيا جي پالڻهار آسمان مان ڪنڌ هيٺ ڪري ڪونہ نهاريو. سرڳہ جي ديوتا وٽ اخبار نہ پهتي هئي .... ۽ ري گناه، ڪشمير ۽ پنجاب جي سرحد وٽ ڀائرن ڀائرن کي بس مان لاهي قطار ۾ بيهاري گوليون هڻي ماري ڇڏيو .... اسان تہ هر پنجابي ۽ ڪشميري زبان ڳالهائيندڙ کي سنتن ۽ صوفين جو اولاد سمجهو آهي .... پوءِ بہ ... پوءِ بہ .... هيڏا ري گناه ٻندن جا خون! .... هڪ هڪ شخص کي ماءُ ڪيئن پاليو هوندو! ڀينرن ڪيئن رکڙيون ٻڌيون هونديون!! زال ڪيئن اکين ۾ رکيو هوندو؟ پر سندس ٻار اڄ ڇنا ڇورا ٿي پيا هوندا .... ڪهڙو آهي هيءُ هڪ هڪ خون! جنهن جي نشانيءَ سان

ڪنوار : اڇها، وديا آئي اٿو بابا!

(وديا جي اچڻ جو آواز)

پيءُ : اچ ٻچا! هيڏانهن ته اچ ... ڀاڪي ته پايانءِ ڳل! ....

وديا : بابا هي ڇاهي؟ .... مونکي ته انساني جسمن جي جلڻ جي بانس پيئي اچي .... لڳي پيو ڪوئي مساڻو آهي پر ٻ، جنهن ۾ ڪئين چڪيائون جلي رهيون آهن .... هڪ ئي مهل ....

پيءُ : ڪنوار هنکي پاپڙ تڪر ڪارائي ڀاڻيءَ ڏڪ ته پيار.

ڪنوار : اڇها بابا.

پيءُ : وديا پٽ! ڪجهه ته برابر سڙي پيو. هڪ ٻيو ڏرم جلي پيو، جنهن جي ڏارڻا هئي رڳو آڪاس واري کي ڀاڏائڻ ....

ڪنوار: بابا! ....

پيءُ : چئه پٽ.

ڪنوار : بابا مونکي لڳي ٿو ڪوئي ديپڪ پکي پنهنجي ئي ڳاتل راڳه مان نڪتل باه ۾ جلي رهيو آهي! ....

پيءُ : ته پٽ اُنجي رکه مان ئي ته نئون پکي جنم ولندو آهي نه ...

وديا : ڇڏيو بابا .... اُن جي ڏارڻا ڪهڙي هوندي؟ ....

پيءُ : نه پٽ، اُنجي ڏارڻا هوندي انسان جي اندر لڪل نوشڪتيءَ جو نرماڻ ڪرڻ ....

وديا : ڇا فائدو بابا! ... شڪتي ... طاقت .... ٻل ....

سپ چا لاءِ؟ .... باندر جهرڪيءَ جهڙو آڪيرو ناهي تہ
نٺو سگهي، ٻجو هٽي آڪيرو ابهم ٻچن ڪي هيٺ ڦٽو
ڪري ڇڏي تو ... چوي تو ڏس جهرڪي آڪيرو ڦٽائڻ
تہ اچيم تو .... چوُن چوُن ڪندا، ٻچا زمين تي پيا
منڊڪائين ..... مٿي پيا نهارين جتي بچائڻ واري شڪتيءَ
ڪان زوراور، باندر وينو آهي ....
پيءُ : نہ پٽ، نئين پکيءَ جي شڪتي، انسان جي اندر
لڪل شڪتي پسائيندي جا انسان جي اسمرتيءَ، ڪانئرتا
۽ نيچتا کي ناس ڪندي ....
وديا : بابا! مان چاهيان ٿي شڪتيءَ جي ڏور هڪ انسان
ڪان ٻئي انسان تائين محسوس ڪئي وڃي. اگر اسان
شاگردن کي ڪجهہ پڙهائڻو اٿن تہ ماستر اسان جي اندر
لڪل شڪتيءَ جو ديدار ڪرائين .... شڪتي جا اسان
جي خون منجهہ ڦهار بڻجي دورو ڪندي رهي ٿي.
پيءُ : هائو پٽ، ائين ئي ٿيندو.
وديا : اُف هيءَ جلندڙ ماس جي بانس! منهنجو تہ ساهہ
پيو منجهي، ڪهڙو آهي هي ڏرم جي نالي ۾ ڪيل هوَن!
بابا، بيگناهہ منشن استرين ۽ ٻارن کي ڪاٺيون ڪري ٿا
ڏوڪين هن هوَن ۾! چا هنن جا ڪيڪرات ڪين ٿا پوَن
بوڙن ڪَنن تي ...!
ڪنوار : وديا مِني! ڪاڏو وري ڪوسو ڪري آئي آهيان.
ڳٽي ڪاءُ؟

وديا : پاپي! مان ڇا ڪريان، ائين پيئي سمجهان، اهڙي شاهي مساڻ ۾ بيٺي آهيان جتي هڪ ٻئي پٺيان روز بروز بيگناهه ماڻهن کي ڪنيو اچو، سوين چڪيائن جي جلندڙ ڪُنڊ ۾ اُڇلين .... مونکي ڇڏيو پاپي! مان وڃي لڪڻ ٿي چاهيان.

ڪنوار : بابا! وديا گهره ۾ ڪين ڪنيو، وڃي لڪڻ ويني آهي پنهنجي روم ۾.

پيءُ : هائو ڏيءَ! پلي اندر جي اُڌمن جو اظهار ڪري.

ڪنوار : بابا! ان مهل ته وديا کي ڏسو ها. جڏهن بي گناهه انسانن کي هوَن ڪنڊ ۾ جلائڻ بابت اِشارو ڪري اسٽيج تان لهي ويئي، هوءَ خود باهه جو شعلو ٿي لڳي. ڪو وقت ته سڀ اُستاد ۽ شاگرد، ان ڪنڊ طرف ڏسندا رهيا، جنهن طرف وديا هٿ کڻي جلندڙ هوَن جو اشارو ڪيو هو ....

پيءُ : هائو پٽ، تنگدلي، تعصب ۽ آتنڪواد کي ناس ڪرڻ جي هيءَ تڙپ ڪنهن ته وهيءَ ۾ مون به محسوس ڪئي هئي، هيءُ ته اها اُڇل آهي، جا نديءَ ۾ نئون پاڻي اچڻ سان پئدا ٿئي ٿي. پاڻي نه هجي ته پوڪ ڪيئن ٿئي؟ ڪومل دل ڌرتيءَ تي نوان سلا ڦٽا آهن ... هائو نوان سلا وڌندا ويجهندا .... اُنهن کي تاتڻ لاءِ تڙپ به وڌندي.

(١٩٩٢)

# آملهہ ماڻڪن جو واپار

## (وقت، جڳهہ ۽ ڪردار)

❋ شام جا ڇهہ بجا، بمبئيءَ ۾ گُلّيءَ ماءُ جو گهر

ڪردار : (۱) گُلّيءَ ماءُ (ڪنوار ماءُ) (۲) ڪيمي (گهوٽ جي پيءُ) (۳) ڏمي (گهوٽ جي پيءُ) (۴) سوني (گُلّيءَ ماءُ جي ماٽيلي ڌيءُ) (۵) ننڍي ٻالڪي (ڏميءَ جي ڌيءُ) (٦) گُلّيءَ جي ساهيڙي.

(گُليءَ ماءُ جو ڪمرو ڏاڍو نزاڪت سان سجايل آهي. پلنگ تي پِلش جي چادر وڇايل آهي. هڪ پاسي اِسٽُول تي ڪپڙي سان ڍڪيل ريڊيو رکيل آهي. ٻئي پاسي سهڻي ٽوال سان ڪا شيءِ ڍڪيل آهي، جا مشين پيئي لڳي. وچهِر چار ڪرسيون ۽ ميز پيل آهن. ميز تي هڪ نِري ۾ ڪاڏي جي شين جون پليٽون ڍڪيون رکيون آهن. گُليءَ

ماءُ ڏاڍي بي صبريءَ سان ڪنهنجي انتظار ۾ ويٺي آهي. ٻاهرئين دروازيٰ تي آواز ٿيڻ تي گليءَ ماءُ ساڙهيءَ سان مٿو ڍڪي دروازي ڏانهن وڃي ٿي پر هيڏي هوڏي نهاري نااُميد ٿي موٽي اچي وهي ٿي.)

گليءَ ماءُ : (پنهنجو پاڻ کي) جانو ڳيسي. سچ چيو اٿن سَت پٽ، هڪڙي ڳپان، تنهن پر ٻہ لڪان. سو مون وٽ تہ هڪ نہ پر ٻہ ٻہ ڏيئر آهن. گلي تہ شئيءَ ۾ سڀي اٿم. آهي چند جو ٽڪر. باقي ٻيءَ جي تہ ڳالهہ ئي نہ پڇو. ڀهاج مري ويئي، منهنجو رت پيئڻ لاءِ ڏيءَ ٻلا کي ڇڏي ويئي. ڇوڪريءَ کي نہ آهي انگہ نہ ڍنگہ. ٻنهي ۾ فرق ٻہ وري سال ٻن جو مس آهي. مان ڀلا ڪنهن کي مڱائي ڪنهنکي مڱايان.. ڏيتين ليتين جا تہ وات پيا آهن ڦاٽا.

(در وٽ آواز ٿيڻ تي گليءَ ماءُ اٿي وڃي ٿي، وري موٽي ڪاڏي جي شين تان ڪپڙو ٽورو مٿي ڪري، پوءِ در وٽ واپس وڃي ڏسي ٿي، ٻہ وڏيون زالون هڪ ننڍي ٻالڪيءَ سوڌو اندر اچن ٿيون.)

گليءَ ماءُ : (ڪيمي ۽ ڏميءَ کي ڪيڪاري) اچو ڀيڻ، ڀلي آيون. ڏاڍي دير ڪيو.

ڪيمي (ٿلهي بدن واري) ڪرسيءَ تي وهندي : ڀيڻ ڳالهہ ئي نہ پڇُ، نڪتيون تہ سويل هيوسين، پر ڏسين ٿي اڄڪلهہ

لڳو ڇا پيو آهي. شل نہ ڪو ڇوڪرو ولائت مان مسافري ڪري لهي تہ مائٽين واريون ڇوڪريون ڏيکارڻ لاءِ اصل ڇِرت بہ ڇِنيو وڃن.
ڏمي : موگهرس، ماڻهن کي ڏيئر تي پيئون آهن بوجا، سو هرڪا ڇوي منهنجي وار اول پوي.
گليءَ ماءُ : نہ مِني، ڏيئر ڪئن بوجا ٿيندين، جيڪي پيٽن ۾ سمايون، سي ڪُني ۾ ڪين سمائبيون ڇا؟
ڪيمي : پيٽ تون متان دل ۾ ڪرين، تو تہ لاڏڪوڏ سان پاڙهي ڳاڙهي قابل ڪيو آهين. ٻڌو اٿم تہ تون ڏيب بہ ڇڱو ڏيندينءَ، توکي ڇو ڏيءَ بوجو ٿيندي.
ڏمي : (ڦِڪي ٿي) مون تہ پنهنجي پاسي واري جي ٿي ڳالهہ ڪئي. سني گل جهڙي ياڻيجي گهرائي وهاري هٿائين.
ڇي : پهرين انکي اڪ مان ڪڍي وڃو.
(موسيقيءَ جي تارن جي ٽڻڻ جو آواز ٿئي ٿو ۽ گليءَ ماءُ پنهنجي ڇاتيءَ کي مهٽيندي ڪرسيءَ تي ڪنڌ ليٽائي ٿي ڇڏي.)
ڪيمي : (ڏميءَ کي اڪ پڇي) اسانجي اٽڪل مڙيئي ڪم ڪيو. جي ٻي ڇوڪري ڏسي اڃ جو گشو نہ هٽون ها تہ ڪنوار مان ڪا سُٽري ٿوريئي آهي جو جهجهي ڏيتي ليتي ڪڍي ڏيندي.
گليءَ ماءُ : (ڏيري اٿندي) سِري رام.
ڪيمي ۽ ڏمي : ڇا ٿيو، ڇا ٿيو پيٽ؟

گليءِ ماءُ : (ڪرسيءَ تي سڌي ٿي وهندي) پيڻ ڪجهه ڪانهي. چوندا آهن ڪن کي ڏکہ-روڳہ تہ ڪن کي سکہ-روڳہ. سو منهنجو بہ اپار سکن هوندي، اِجهو اهو حال آهي.

(ننڍي ٻالڪي ڪاڏي جي شين ڏانهن آڱر کڻي ڪيميءَ جو پلؤ ڇڪي ٿي.)

گليءِ ماءُ : (ننڍي ٻالڪيءَ کي) هلي آءُ پٽ، کهڙي نہ سٻاجهڙي آهي. اچ تہ ٽول ڏيانءِ (هڪڙي پيسٽري کڻي ڏئيس ٿي.)

ٻالڪي : (طوطلي زبان ۾) ٻيا ٽول بہ آچان کي کارائي چڏ.

(گليءِ ماءُ ٻالڪيءَ کي ڳراهٽري پائيس ٿي.)

ٻالڪي : آچان کان پٽڇا ونندينءَ؟ نہ نہ. ممىءَ چيو مفت ۾ کائيندا ڇين.

(ڪيمي ۽ ڏمي ٻالڪيءَ کي پيرين ٿيون)

گليءِ ماءُ (مشڪندي) : ڏاڍي پڪي ڇوڪري آهي. پئسي خرچڻ جو تہ ڏس بہ ڪونہ ٿو وٺيس.

ڪيمي : (ڪمري ۾ چؤطرف نهاري) پيڻ، گهر تہ سنو ناهي ويني آهين. جنسي ڀِڪي پيو.

ڏمي : (گليءِ ماءُ جي چوڙن کي هٿ لاهي) نمونو تہ ڏاڍو سنو گهڙايو اٿيئي. ڏيءَ کي بہ ضرور هيرن جو ڪنگڻ تہ ڏيندينءَ؟

گليءَ ماءُ : (چڙڪي ۽ پانهن چڏائيندي) بابا هي تہ آهي املهہ ماڻڪن جو واپار. جيڪي ڇوڪرين کي لهڻو هوندو سو وننديو.
ڪيمي : تڏهن بہ ٻولون ڇولون تہ آهن ئي آهن.
گليءَ ماءُ : سو ڇو ڪين. پر گهر گهر تي بہ مدار آهي. منهنجي ڪڪي بہ تہ ڪا شيءِ آهي نہ. سو مان تہ ڏاجي ۾ بہ سڪون ڏيندس گهوٽ ۽ ڪنوار لاءِ.
ڪيمي : (عجب ۾ اکيون ڦاڙي) بس ۽ گهوٽ ماءُ، گهوٽ پيءُ، گهوٽ ڀاءُ، گهوٽ ڀينر، گهوٽ ڀاڃائيءَ جون سِڪون؟
ڏمي : ٻري گهوٽ جي ڏاڏيءَ جي بہ سڪ ڪانہ لڳي ڇا؟ ويچاري اڄ نہ هُئي شيان هُئي. پوٽي جي سِڪ وني نہ آس پوري ڪري.
گليءَ ماءُ : (بنا اُتساهہ جي) ڇو نہ پيڻ ڇونہ.
ڪيمي : ڇڱو پيڻ تون پنهنجي ڪِڪيءَ گليءَ کي تہ سڏ ڪر. ڏاڍي دير پيئي ٿئي.
گليءَ ماءُ : ها ها، ڇو نہ. (سڏ ڪندي) او ڏيءَ سوني، ڀٽ سوني.
ڪيمي ۽ ڏمي : (هڪٻئي ڏانهن اشاري ۾ آهستي) هيءَ ڇا ٿي ڪري؟
ڪيمي : پيڻ ماڻنين واريءَ تہ تنهنجي ڪڪيءَ جو نالو گلي پڌايو هو ۽ نہ سوني.
گليءَ ماءُ : (ٿورو منجهي هٿن جو آڱريون موڙي) ها،

ها، نالو تہ برابر گلي اٿس، پر پڻس پيار مان سوني سڏيندو اٿس. وري آهي بہ تہ جهڙو سون جو ٽڪر.
(سانوري رنگہ جي سوني چانهہ جي ٽِري کڻي اچي ميز تي رکي ٿي. ڪيمي ۽ ڏمي اُٿي هن کي ننهن ڪان چونٽي تاءِ چڪاسين ٿيون جڻ ڪو نڪر جو ٿانو آهي.)
ڪيمي : (پنهنجي ڪرسيءَ تي وهندي) آهي برابر سون جو ٽڪر. چوڪريءَ جو روپ سنو آهي تہ سادي ساڙهيءَ ۾ بہ پيئي ٻهڪي.
(سوني پرڀرو هڪ ڪرسيءَ تي وڃي وهي ٿي.)
گليءَ ماءُ : تڏهن تہ دادس چوندو آهي تہ هيءَ تہ هڪ ئي ساڙهيءَ ۾ اگهامي ويندي. پر ماءُ ڪو ڏيءَ کي ڏيڻ ڪانسواءِ رهي سگهندي ڇا؟ چوندا آهن تہ ماءُ جَنبِ پيهاڪ تہ بہ ڏيءَ آسائتي.
ڏمي : برابر، مائي نڪ کي ڪير مَڙ لائيندو؟
(اينري ۾ هڪ جوانڙي تڪڙي اندر اچي چوي ٿي : سوني، گلي ڪانهي ڇا. ڪيڏانهن ويئي آهي؟ هان هيءَ ساڙهي ڏجانس. چئجانس تہ خيال سان پائي ۽ مون وارو ڪتاب سياڻي آفيس ۾ کڻي اچي جو لئبرريءَ ۾ موٽائڻو اٿم. مان هاڻي پڪچر تي ٿي وڃان، چڱو ٽاٽا ....)
ڪيمي ۽ ڏمي : دوڪيباز اسان کي هڪ جي بدران ٻي چوڪري ڏيکاري اٿيئي؟ اهو آهي تنهنجو املهہ ماڻڪن

جو واپار. ڪير ونندو تو نگهه ڪان ڏيءِ.
(سوني مونجهاري ۾ آگرين مان نڪاءِ پيئي ڪڍي)
گليءِ ماءُ : چڱو چڱو چوڪري نٿي وٺيوَ تہ چانهہ ڪوپ پيءِ روانيون ٿيو، وڃو. ڏيتي ليتيءِ لاءِ وات ڦاڙي آيون آهيو. چوڪري بہ گل جهڙي ڪپيوَ، هيرن جا ڪنگڻ ڪپنوَ. توهانکي گهوٽ ڪنوار، ياءُ ياجائي، پنهنجي لاءِ تہ چا پر مرڻ هارڪي ڏاڏيءِ لاءِ بہ سِڪَ ڪپيوَ.
ڪيمي : سو چا اڄڪلهہ تہ ڏيتي ليتيءِ ۾ الاجي چا چا پيا ونن. لڪن جا فلئٽ ۽ گهر سينگارڻ جو سامان ٽي.وي. وغيره.
گليءِ ماءُ : چئبو تہ گهوٽن جو مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪنديون آهيو. جو ڪي فوٽ پاٿ جا بيڪاري آهيو چا، جو فلئٽ بہ ڪپيوَ. وري هن بوڪڙو ٻليءِ ڪي بہ سيڪاري آهيون آهيو تہ مفت ۾ ٽول ڪائينداچين .... اٿو وڃو، ڪيڪ پيسٽريون نہ ڪائو تہ سُنو، جو اُهي هينئر مسواڙ تي گهرايل آهن.
ڪيمي ۽ ڏميءِ جا منهن لهي ويا ۽ نندي چوڪريءَ ڪي وٺي روانيون ٿيون.

(پردو ڪِري ٿو)

(١٩٥٧)

# ڪرنڊ ديوارون

[پوٽا چار (١٩٦٣ ۾) سال ڪن ٿيا جو آل اِنڊيا ريڊيو (بمبئيءَ) وارن سندريءَ کي عرض ڪيو تہ 'توهان جو ناول ڪرنڊ ديوارون جو ريڊيو ناٽڪ ويڇهڙائي ۾ براڊڪاسٽ ڪرڻ جو ويچار آهي. اسين شڪرگذار رهنداسين جي اِهو ناٽڪ لکي موڪليندا، جنهن لاءِ توهان کي اُجورو ڏنو ويندو.' سندريءَ اِهو بروقت ناهي ڪين ڏنو. جيڪو سال ڏيڍ وهاڻي هينان رکي ڇڏيائون. پوءِ ڇپائون تہ ناٽڪ ۾ ڪجهہ سرڪار خلاف ڳالهايون آهن، جيڪي ڪٽيو، پر سندريءَ اُهي ڪٽڻ کان اِنڪار ڪيو ۽ ناٽڪ واپس گهريائين جو هاڻي ڪيش ساڍن ٣ سالن بعد مليو آهي ۽ پاٺڪن جي اڳيان آهي.

هي ناٽڪ تمام ٿوري ڦير گهير سان اسٽيج تي بہ اچي سگهي ٿو، جيتوڻيڪ اسان کي اُميد آهي تہ ڪو وقت اچي، جڏهن ناول 'ڪرنڊ ديوارون' جهڙو بهترين لوڪ پيارو ناول سچي جو سچو وڏي ناٽڪ جي صورت ۾ اِسٽيج تي بہ اچي.

(سمپادڪ - نئين دنيا - ١٩٦٧)]

**مکيه ڪردار :-** (۱) ماءُ (۲) ٽي يائر - گلاب، چندر ۽ گوپ (۳) ديوي - گلاب جي پتني (۴) ريکا - چندر جي پتني (۵) راڌا - پاڙيسرڻ.
**مکان :-** ورهاڱي کان اڳ حيدرآباد سنڌ ۽ ورهاڱي کانپوءِ بمبئي.

(ڍول مان پاڻي اوتڻ جو آواز)

ديوي : (پٽ کي سنان ڪرائيندي) ماريا چئهُ هر گنگي جئه گنگي .....
چندرماءُ : اڙي وڏي ڪنوار ڏاهي ٿيءُ، پٽ کي پرڀرو ٽڪي سنان ڪرائين تہ چاهي، اهڙو سيءُ تہ ڪونهي.
ديوي : توکي سيءُ پوي ٿو، جو اُس ۾ ويٺي ڪٽڪ چاڙين، باقي هن ٻار لاءِ اهڙو سيءُ تہ ڪونهي .....
(ريکا جو چير پاتل پيرن جو آواز)
ريکا : امي .......
چندرماءُ : چٽ پٽ، شل سهہ چوڙين سهہ ماڻين.
ديوي : نہ نہ، مون کي نہ پيري پئہ، مان اِنهن جهونن واجن مان ڄاڻان ٿي ڪين.
(ريکا جي وڃڻ جو آواز)
چندرماءُ : ويچاريءَ ڪڇيو ٿي ڪين. نئين ساڙهيءَ

ني هيترا چندا پيس تہ بہ گونگي گانءَ تي هلي ويئي.
ديوي : هوءَ ئي گونگي گانءَ ۽ مان شايد ائين ئي ويني بڪ ڪريان. چئن ڏينهن ۾ جيڪا سندس مون سان سونهن ۽ شڪل جي هر هر ويني بيٽ ڪرين، سا چڻ صبر ڪري ٻڌان ئي ڪانہ ويني.
چندرماءَ : بابا توکي ڪير ٿو چوي ..... پر جي سس تي ڪجهہ چيم بہ ڪٽي تہ ان ۾ اربع خطا تہ ڪانہ تي. ويچاريءَ جي نئين ساڙهي خراب ٿيندي ۽ ڪڇندي نہ، تہ ڏکہ نہ ٿيندو.
ديوي : (اکر اکر تي زور ڏيئي) ڏکہ نہ ٿيندو. جيڪي پيڪي گهران نهي ايندي‌ون سچ پينگہ، سي چو ڪڇنديون؟
چندرماءَ : بابا مون هٿ جوڙيا (تاڙي) چو اچي سچہ پينگہ ڪيڏي اٿيئي. ڪرتار ڪٽي چندر جو وارو واريندو .... وڏن ڏيبن واريون نهر نرگهٽ بہ تہ اوتروئي ٿيون پٽين.
ديوي : مون تہ اصلي ئي چيو تہ هيءَ اسان کي سهندي ئي ڪانہ. ڪڻ سندر پٽ ڪپڙا، تہ هلون ناناڻي گهر .... مان تہ آيس بہ ڪانہ ٿي. چيئہ، شاديءَ ۾ هلي لڄ رکہ، تڏهن ڪٽي آئي سانءَ .... سو هاڻي ڏيرم جي شادي ٿي ويئي، تون مون کي رهڻ ٿوروئي ڏيندينءَ.
چندرماءَ : هري رام!
ديوي : آميءَ اصلي ئي چيو تہ سندر جو پيءُ آچي

سار لهندء، باقي سس توکي گڏ رهائيندي، سو تہ ڏيهہ ڏسندو.

چندرماٴ : تاب تہ ڪيڏو ٿو وجهي .... وات - وڪيل وچي ڳالهيندي ....

ديوي : هل سندر هل، مان ئي هن گهپيٴ ۾ رهان؟ ها ڪڻ هيٴ ڪپڙن جي هڙ. (در بند ڪري هلي ٿي وڃي)

★★

(صبح جي مهل پکين جي لاتين جو آواز، راڳہ آساوريٴ جا سر)

ريکا : (پنهنجي منهن) اُف! هي گهر ۽ هيٴ سچ. ڪهڙو آهي هي ديوتا؟ نہ سيني ۾ دل اٿس، نہ دل ۾ پيار .... ڪهڙي آهي هيٴ رکي جيوت! لڳي پيو ڪنهن مکان کي آگہ لڳي ويئي آهي ..... ۽ ..... ۽ سڀ ڪجهہ سڙي ويو آهي (سڏڪا) پاڻيٴ جي ڪائي مدد نہ ٿي پهچي، پاڻي ڪٽي بہ ڪونهي ....

چندرماٴ : (پري کان هلندي اچي) ..... ريکا ..... ريکا .... (در کڙڪائي ٿي ..... ريکا در کولي ٿي) ريکا!

ريکا : جي ....

چندرماٴ : ڏيء، اِهو تو ويني رنو؟

ريکا : نہ، نہ امي .... مان تہ ... مان تہ بلڪل ٺيڪ ويٺي آهيان.

چندر : (پري ڪان) اما .... اما چانهہ نهي ويئي؟ ....

چندرماءِ : چانهہ تہ ٺاهي رکي اٿم، پر هيءَ تنهنجي ڪنوار هيئن صبح مرداني ڇو ويٺي ڳوڙها ڳاڙي؟

چندر : هيءَ تہ ڪلي ويٺي. هن کي ڪهڙي رڳ جي خبرا هيءَ تہ ....

چندرماءِ : گل جهڙي ڪنوار وني ڏني اٿمان، تڏهن بہ پيو انگل ڪرين.

چندر : (ڊگهو ساهہ ڪڍي) اِهو گل بہ ڪهڙو جنهن ۾ سڳنڌ ئي نہ هجي.

چندرماءِ : (گوڏن تي هٿ هڻي) هنيس! هي تہ تو مون کي رڳ ۾ رات وڌي!

چندر : بس بس، هاڻي ڇڏ اجائي ڊيگهہ. هان وٽ هي پرمٽون. هاڻي جڏهن ڪپيئي تڏهين هتان لڏي هل. مان ٻڌائي ٿو ڇڏيانءِ سنڌ ڇڏي ڏاڍيون نوڪرون ڪائڻيون پونديون.

چندرماءِ : پٽ، سچا پاڙا ويڙها سچا تي ويا آهن. مان تہ ٿيس وڏي سڏي پر تنهنجي ڪنوار کي ڪهڙيءَ دبليءَ ۾ سانڍي رکنديس. هھڙي وقت ڪنهن تي ڀروسو آهي! ديوي تہ پنهنجن شاهوڪار پيڪن سان اڳيئي وڃي

بمبئي پهتي. آسان کي بہ گرو چڏيندو ڪونہ.

(ريل چَلڻ جو آواز)

★★

(ريڪا جي سڏڪن جو آواز — در تي ٺڪ ٺڪ)

چندر : (دروازي مان اندر اچي) تو رنو ويني؟

ريڪا : ......

چندر : ڪو جواب بہ ڏيندينءَ ڪين نہ .... مون کي تہ هاڻي تنهنجي رئڻ تي چڙ ٿي اچي.

ريڪا : مان تہ روئان ئي ڪانہ ٿي.

چندر : ڪوڙ! ليڪن بڌاءِ تہ توکي آخر ڪهڙي چا .... پاڻ ئي تہ ڏسين ويني. جيئن سنڌ ڇڏي هتي لڏي آيا آهيون تيئن گهڻيون تڪليفون درپيش آيون آهن. مس وڃي ڪو چنو ٽڪر ۽ نوڪري نصيب ٿي آهي. مون کي تہ سمجهہ ئي ڪانہ ٿي اچي، توکي ڇا گهرجي؟ کاڌو ڪپڙو سڀ ڪجهہ تہ اٿيئي.

ريڪا : بس اِن لاءِ ئي شادي ڪبي آهي؟

چندر : تون ئي ٻڌاءِ تہ ڇا لاءِ شادي ڪبي آهي؟

ريڪا : شادي معنيٰ خوشي ۽ خوشي جو تہ هتي نالو بہ ڪونهي، خوشي ملندي آهي پيار ۾ ......

چندر : پر تون ڪيئن ٿي چئي سگهين تہ توکي پيار نہ مليو آهي؟ البت ائين ضرور آهي تہ منهنجي پيار

۾ ملڪ جا هزارين مرد زالون، ٻار ۽ ٻڍا اچي ڦا وچن، جيڪي هن سماج جي شڪنجي ۾ پيڙجي رهيا آهن. مون اهڙيءَ سماج کي بدلائڻ جي تحرڪ ۾ پاڻ ارپي ڇڏيو آهي.

ريکا : تہ بس اُن ۾ ئي رُڌا رهو ....

چندر : جيستائين فرض ۽ پيار ۾ ٽڪر نٿو ٿئي، تيستائين تہ نباهيندو رهندس، پر جيئن ئي ٽڪر شروع ٿيو، تيئن ئي هڪ تان هٿ ڪڍڻو پوندو.

ريکا : (چڙکي) ۽ مان؟ .... پوءِ منهنجو ڇا ....

چندر : ليڪن مان ٿو چوان، تون بہ ڇو ڪين شخصي پيار جي حدن مان نڪري وشال پيار کي اپنائين؟ ۽ اِنسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪرين.

ريکا : (لاچاري نوع ۾)· اسين زالون ڪهڙا ڪم ڪنديونسين! اسان جي منزل شادي، (ڪوڙو کلي) ليڪن منزل تي پهچي بہ اسان تہ پاڻي ڪاري ٻات.

چندر : اُهو سڀ اِن ڪري ٿي چوين جو تو شادي جي مقصد کي سمجهيو ئي ناهي. شاديءَ جو سچو مقصد اِهو آهي تہ اِستري پرش هڪ ٻئي جا ساٿي بڻجي اِنساني زندگيءَ کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪن. اِن دس ۾ پيار هڪ وسيلو آهي نہ ڪِ منزل.

ريکا : مون کي تہ ايڏا وڏا خفا سمجهہ ۾ ئي نٿا اچن، منهنجي منزل توهين آهيو تہ وسيلو بہ توهين.

چندر : اِهي ٻالهيون اِن ڪري ٿي ڪرين، جو تنهنجي دل اندر بنا ڪشالي واري هڪ مست ۽ آرام پسند زندگي گهارڻ جي خواهش آهي.

ريکا : توهين تہ بس ائين ئي چوندا.

چندر : نہ تہ پلا ڇا چوان؟ رڳو تون ئي نہ، اسان جيءَ سماج ۾ اِن قسم جي منورتي رکندڙ الاهي ماڻهو پيا بہ پيا آهن. پر مان تو چوان، عورت کي بہ انهيءَ خودغرضيءَ جي گهيري کان نڪري پنهنجي آزاد هستيءَ کي سمجهڻ گهرجي. پنهنجي هڏيءَ جو وڪاس ڪرڻ کپي. کيس بہ اکيون کولي ڏسڻ کپي. کيس بہ اکيون کولي ڏسڻ کپي تہ دنيا اندر ڪهڙيون اُٿلون پٿلون ٿي رهيون آهن ۽ اُنهن ۾ کيس ڪهڙو پاڳہ ونڻ کپي.

ريکا : بس بس، مون کي وڏيڪ ڪجهہ نہ ٻڌايو. رهبو هتي پونگيءَ ۾ ۽ خيال ڪبا راجائن جا. ملڪ ۾ بدل سدل سرڪار ڪري سگهندي، اسين ڇا ڪري سگهنداسين.

چندر : اسين بس ڏوڙ پائينداسين.

ريکا : نہ گهمڻ نہ ڦرڻ رڳو هن، هن جا رڌا رڌڻ. هيءَ بہ ڪا زندگي آهي؟

چندر : مون لاءِ تہ اِهائي قيمتي زندگي آهي. اڙي! ست لڳي ويا. مان وڃان ٿو. چمپل جو پادر وري ڪيڏانهن ويو؟

ريڪا : ڪيڏانهن ٿا وڃو؟

چندر : جهنم ۾ .... گلاب ياڻوءَ جي چٺي آئي آهي. نوين بجي سندس جهاز اچڻو آهي.

ريڪا : ياءُ ڪي لاهڻ ٿا وڃو ....

چندر : (وڏي واڪي) اما، گلاب جي چٺي آئي آهي. اڄ ٿو ولائت مان اچيئي.

چندرماءُ : اڙي پٽ، هينئر ٿو اچي ....

چندر : هاڻي تون سؤ سوال پڇج

ريڪا : ڪائي تہ وڃو.

چندر : نہ ڪپي ڪاڏو. (زور سان دروازو بند ڪري وڃي ٿو.)

(سنگيت جو آواز)

★★

راڌا : ريڪا ويٺي آهين؟ ....

ريڪا : آچ راڌا، مان تہ هميشه ئي ويٺي هوندي آهيان.

واڌا : اچ ڏاڍي موڳي پيئي لڳين. ڪهڙا ويٺي پور پچائين؟

ريڪا : (ڏکهو ساه کڻي) ڪهڙا پور پچائبا؟ هن گهر جي سڄ آهي جا جيءَ تي ڪائي. پندرهن ويهہ ڏينهن جيڪي گلاب ياڻو هتي رهيو، تہ منجهہ سا گهر ۾ ڪا رونق لڳي، پر زالس اهڙا تہ من تپايس جو گهر ئي

گهڻي جو ڪنو ٻڌجي پيو. ٻيائي ڪا ....

راڌا : سو ٻيائي تہ پوندي آهي. مني ڏير شاهوڪار ٿيا تہ گڏ ٿوروئي رهندا. اُهو زمانو ئي ڪونہ رهيو آهي.

ريکا : سنڌ ۾ تہ هرويرو ائين ڪونہ هو.

راڌا : سنڌ جي سکن جي کھڙي ٿي هتي جي ڏکن سان ڀيٽ ڪرين. پر مونکي تہ ٻڌاءِ جڏهن تنهنجي سس ۽ ننڍو ڏير بہ گلاب سان نئين جاءِ ۾ وڃي رهيا، تڏهن تون اندر اڪيلي ڀيٺي ڀيٺي سيني کي ياد ڇا لاءِ ويني ڪرين؟

ريکا : تہ ڇا ڪريان تڏهن؟ ....

راڌا : ڪو ڏر، ٽوپو ڪر. شام جو گهوٽ سان گهمڻ ڦرڻ وڃ.

ريکا : هت گهمائڻ جي فرصت سا ڪنهن کي آهي؟ جيڪو وقت گهر ۾ تو اچي، سو وقت بہ پنا پوٿيون، اخبارون ڪتاب ڪنيو اچي يا ڪارا ڪوجها دوست ونيو ايندو، وينو ساڻن بحث ڪندو ۽ روٽا ٻڌندن .... مان تہ ڄڻ هن گهر ۾ آهيان ئي ڪونہ.

راڌا : ڇوري مس مس ڇُٽي آهين.

ريکا : (مايوسيءَ ۾) ڇٽي بہ ڇا تو ڪري سگهجي؟ .... ياد اٿيئي تنهن ڏينهن تو ڇا چيو هو؟

راڌا : ڇا چيو هوم؟

ريکا : تو چيو هو، راڻي تنهنجي تہ ڪڙيءَ ڪينهن

نتي لڳي. مڙس جا ڪهڙا حال ڪيا آتيئي؟ سوٽ تي
بہ چمپل پائي ... ڪتابن جو ڍير هميشه هجيس ئي
.....

راڌا : چري، سو اهو تو دل ۾ ڪيو ڇا؟ ڇڱو سادو سودو آهي تہ پاڻ گهٽن ڪان سنو اتيئي. ائين تہ ڪونہ تو چويئي تہ اڄ ماڻهين هي نہ مڪو، اڄ هو نہ مڪو. اڄ ڪالهہ جا ڇوڪرا ڏس تہ ساهرن کي ڏهي وتن عيش ڪندا. ڪمائيندا ٽڪو بہ ڪونہ، پاهران نت ايڏو رکندا، ڇڻ ملڪ جا والي ئي پاڻ آهن. (در تي نڪ نڪ ٿئيتي)
ڇڱو ريڪا مان هلان تي، سنجها جا گهنڊ پيا وڄن اجا روٽي ڪرڻي اٿم.

ريڪا : ڪير گوپ!

گوپ : (هڙ سٽي) هي وٺ منهنجا ڪپڙا، مان ڪونہ رهندس، گلاب دادا وٽ. شوڪيس جو ڪڇو هوندو تہ پڇي نہ پوندو؟ بس مارين ٿا. هڪڙو تہ ڪاڏي ۾ بيائي، ڪير ۾ بيائي .... (روئي ٿو.)

ريڪا : اڙي اڙي رئين ٿو. منهنجو بهادر گوپيچند .... اسان وٽ تہ اڪيلائي ايڏي آهي جو مان تہ تورن ئي ڏينهن ۾ چري ٿي پوان ها. ڇڱو جو تون آيو آهين
....

گوپ : وڏي پاپي تہ سڄو ڏينهن پيئي ڏاڙهي .... پاڻ وينا شراب پيئندا، گوشت ڪباب کائين، اما ۽ مون

ڪي پيا ڏمڪائيندا. چي، خرچ ٿا ڪريو. سندر مون کان ننديو، تہ بہ سچو ڪوپ ڪير پيئندو. مون کي اڏ بہ نہ، بکيا کنهن جاء جا.

ريکا : چڱو چڱو وڏن لاء ائين نہ ڳالهاء، ڪپڙا مٽي وٺ.

گوپ : هي وڏا آهن سچو ڏينهن بس پئسا پئسا، هاء هاءا پاپي تہ رڳو شاهوڪارن جي ئي مٽيائي آهي، اِنهن کي عزت مان ڏيندي، ڪارائيندي پياريندي، پر شل نہ ڪو غريب مِٽ مائٽ اچي .... پر خود اسان کي ئي چا پيئي سمجهي جڻ لالي واه جا چيرا آهيون ..... اما سان تہ سچو ڏينهن پيا تنهنجون ۽ چندر جون ڳالهيون ڪن.

ريکا : ڪرڻ ڏين 'ڳلا هماري جو ڪري متر همارا سو.' باقي اسان تہ سندن ڪوبہ نقصان ڪونہ ڪيو آهي.

گوپ : بيهہ پاپي مان پنهنجن دوستن وٽان ٿي ٿو اچان.

ريکا : (در بند ڪري پاڻ کي) آه اڪيلائي بہ چا تہ مرض آهي. گوپ آيو آهي تہ جڻ پنيون بہ ڳالهائڻ لڳيون آهن.

(خوشيء جي سنگيت جي ڌن)

★★

(دکہ جو موسيقي شروع آهستي تکو ٿيندو وڃي

ٽو.)

در تي آواز - پوسٽ مئن.

ريکا : گٽونتيءَ جي چٺيءَ (کولي پڙهي ٿي) ’ريکا پيڻ سدا سهاڳڻ شل خوش هونديںءَ مون کي تہ سمجهہ ۾ ئي نٿو اچي تہ مان ڪريان سو ڪريان ڇا. ٻہ هزار جيڪي هڙ ۾ هئا، اُهي وجهي دڪان ورتوسين، مٺيا وڪٽي اُن ۾ مال پريوسين. پر هڪ ڏينهن صبح جو ڇا ڏسون تہ دڪان جو ڪلف ڀڳو پيو آهي ۽ اندر ڪاريءَ وارا ڪکہ لڳا پيا آهن. اسان ہي گهر شرنارٿين ڪان وڏيڪ ٻہ ڪوئي ضرورتمند هوندو ..... دادهن، اوڏر تي مال وٺي گاڏو گهلڻ لڳو .... ريکا هيڏو وڏ گهراڻو دادهن گاڏو گهلڻ لڳو، مگر اُن جي ٻہ مسواڙ پري نہ پيا سگهون. هاڻي ٻجاجي ٿي پيو ڦري، ٻجڪو ڪلهي تي هاءِ هاءِ .... ۽ گهر جي حالت! ٻارن جا ڪپڙا ڦاٽي ويا آهن، پيرن ۾ چمپل ڪونہ اٿن. سيڌي جا دٻا! هڪ کي هٿ لاءِ تہ سڀ وجي اُٿن. روئي روئي دل تي ڦاٽي. (ريکا جا سڏڪا) پاپيءَ جو گهر! ماسي ڪشن ماءُ، ڀالي ماءُ سيني جا ڪهڙا حال ٿي ويا آهن ..... سڀ هتي اجمير ۾ آهن ....‘ (سڏڪا) .... اوهہ .... گٽونتي! (در تي نڪ نڪ) ڪير آهي؟

چندر : (نڙي صاف ڪري) مان آهيان ... ڇو .... ڇا ٿيو آهي توکي؟

ريکا : ڪجهہ ڪونهي.

چندر : ڪجهہ تہ آهي. نٿي ٻڌائڻ چاهين تہ تنهنجي مرضي.

ريکا : دنيا جي عجيب حالت تي من اچي وجهليو.

چندر : اڇا!!! .... هيءَ چني ڪنهن جي آهي؟

ريکا : گٺونتيءَ جي .... هان وٺو. پڙهي ڏسو (سڏڪا) .....

چندر : تڏهين گٺونتيءَ جي حالت توکي دنيا ياد ڏياري آهي؟

ريکا : (غصي ۾) .... دکہ تہ ٿٺو ٿئيو پاڻ ٿٺولي .... (وڏيڪ رئي ٿي)

چندر : روز جيڪي هيترا اِنسان تنهنجي اکين اڳيان ٿا گذرن، جيڪي گهرجن جي گهاٽي ۾ پيڙجي رهيا آهن، تن لاءِ بہ ڪڏهن توکي دکہ ٿيو آهي؟

ريکا : آخر هڪڙو ماڻهو، ڪنهن جو ڪنهن جو دکہ ڪندو ڦرندو؟ ....

چندر : رڳو پنهنجا مٽ مائٽ ماڻهو آهن ٻيا سڀ پٿر جا جيو آهن .... ائين نہ؟

ريکا : پر ٻين ۾ اسان جو ڇا؟

چندر : ٻڌ ريکا، جنهن غريبيءَ جي گهاڻي ۾ اسان جا مٽ مائٽ ۽ اسين خود پيڙجي رهيا آهيون، سو ڪو ننڍڙو ناهي، هيءُ گهاڻو وڏو شاهي گهاڻو آهي. هيءَ

آهي ملڪ جي آرٽڪ اِسٽيٽيءَ جي خراب ٽيڪ جو گهاٽو ....

ريکا : ليڪن ملڪن جي آرٽڪ اِسٽيٽي جو مان ڇو سوچيان ؟ وڃي ملڪ جا والي سوچين ....

چندر : بيڙيءَ جي بچاءَ جي تہ توکي سجهي ئي نٿي، ونين بيڙيءَ ۾ ويلن لاءِ هاءِ گهوڙا ڪندين تہ هنن منجهان رگو منهنجو مامو، منهنجو چاچو بچن، ٻيا ٻڏن تہ وڃي ٻڏن.

ريکا : (غصي ۾) بس بس، مون کي ڪجهہ بہ ٻڌڻو ڪونهي ....

چندر : نہ ٻڌڻو اٿيئي تہ ويني روءُ ... هاڻي ڇڏ انهن ڳالهين کي. ٻڌ، شام جو هتي گهر ۾ ميٽنگ آهي.

ريکا : گهڻا ڇڻا ايندا تہ مان اوترو اِنتظام رکان.

چندر : (چيڙائيندي) ڪهڙو اِنتظام رکندينءَ ....

ريکا : (ٽوڪ سان) اميءَ جي گهر تہ بابا جا دوست ايندا هئا تہ گوشت ڪباب ڇهڙون، الاجي ڇا ڇا اچي ويندو هو.

چندر : هتي چانهہ جي ڏهن ڪوپن جو اِنتظام رکيئہ تہ ڇيهہ ٿيو.

(در ڪان ئي رڙيون ڪندو گوپ جو آواز)

گوپ : اڇا چوين تہ پڙهہ پڙهہ. هاڻي سياڻي چار ڪاپيون ڪپن. لغڙ ٺاهي وکيم تہ بہ رگو ٻن ڪاپين

جيترا پئسا مس مليا آهن. باقي ٻہ ٻہ سياڻي ضرور .....

ريکا : (کلڪ روڪيندي) پوءِ پلا، هي ٻارن وانگر مٺون چو سچايون اٿيئي؟ جيئن گلاب دادا وٽان رسي هتي آيو آهين، تيئن ڪنهن ڳالهہ ۾ پلا نہ ڪئي اٿم توکي؟

گوپ : ها (ڊگهو ساهہ) پر مان ....

ريکا : هي وٺ پئسا، پوءِ مهمانن لاءِ ٿورا بسڪيٽ وٺندو اچج.

(گوپ جو سيٽي وڄائيندي ٻاهر وڃڻ جو آواز)

ريکا : ڪيڏو نہ خوش ٿئي، ڄڻ تہ کو قارون جو خزانو مليو اٿس. (ٿڌو ساهہ کڻي) مگر گهر جو خرچ لاءِ باقي بچيو ئي ڇاهي .... کو تہ تدارڪ ڪرڻ کپي، نہ تہ هي گهر خبر ناهي ڪهڙي رسائل کي وڃي رسندو.

چندر : ها سوچ ويچار پلي ڪر، باقي دکي دکي گذارڻ مان ڪجهہ بہ ورڻو نہ آهي.

ريکا : (رئڻ هارڪي) پر دکہ لهندو ئي ڪيئن. منهنجي پيڻ جي ڳالهہ کڻي ڇڏيو. ٻيا سڀ جئپور، اجمير ۾ جيڪي بہ عزيز آهن تن منجهان هڪ ٻن کي ڇڏي باقي سڀ ٻيرکي ويا اهن. چٽن گهرن جون مايون پيئون پاپڙ وڪڻن. ننڍا ڇوکرا سڪول وڃڻ بدران پيا ڦلوٽا ۽ کئمنڙا وڪڻن. ههڙي دنيا ڏسي دکہ ڪيئن نہ ٿيندو؟

چندر : ليڪن دکہ دکہ ڪرڻ سان تہ کونہ دکہ مان ڇوٽڪارو ملندو. اڄ تہ پئسو پئسي کي ٿو ڪمائي، ان

ڪري شاهوڪار وچن وڏيڪ شاهوڪار ۽ وڏيڪ شاهوڪار ٿيندا ۽ غريب وچن وڏيڪ غريب ٿيندا. ليڪن غريبن وٽ هڪ هٿيار آهي پورهيي جو. پورهيو وڪڻي پيا گذر ڪن. پر برو حال آهي اسان وچولي طبقي وارن جو. جن جي رهي ڪهي پونجي وچي خلاص ٿيندي ۽ وچي تو هينئين طبقي ڏي سرڪندو.

ريڪا : (ڏجهي) ڇا مطلب اٿو؟ بس اسان جهڙن گهرن کي بہ مزدورن وانگر پورهيو ڪري جيئڻو پوندو.

(تارن جو ٽڻڻ جو آواز - دکہ ڀريو سنگيت شروع)

چندر : مون کي تہ ائين ٿو لڳي.

ريڪا : (رڙ ڪري روئندي) ڇو ٿيندو ائين. ڪونہ ٿيندو ائين

(سڏڪا)

چندر : ڇٿو جيئن سمجهين. بس. (در تي ٺڪ ٺڪ. چندر ٿورو پري ڪان) ... ريڪا مان هيري سان ٻاهر تو وڃان، پنجن ستن منٽن ۾ واپس ايندس.

گوپ : (سهڪندو) ڀاڀي وٽ هي بسڪيٽ .... هي ڪاپيون. ڏس، پر ڀاڀي .....

ريڪا : ڇئہ .....

گوپ : مون کي ڇٽي بہ ڪانهي جيڪا ڇٽي هئي اُن جي مٽ اڳيئي گم هئي. ڇوڪرا پيا ٻڌو ٻڌو ڪري چيڙائيندا هئا. ڪلهہ وري هوا اهڙي هئي جو سڄي

چئي ئي ہٹي تي پيئي ۽ هي ڏس چمپل ۾ کيڏو ٽنگ آهي ....

ريکا : هائو، آڏ ئي جيڏو تہ ٽونگ ٿي ويو آهي! برسات ۾ کيتري تکليف ٿيندي هوندي توکي!

گوپ : جيکر اِسکول ئي ڇڏي ڏجي. وڃي ڪجھ ڪمائجي (روئڻ).

ريکا : ڇي .... ڇڏ اِهي وڏا وڏا خيال. وڃي ٻاهر ڇوڪرن سان راند ڪر صبح کان وٺي پيا سڏڻ اچنئي .....

گوپ : (ڊگهو ساه) ڇگو ٻاپي مان وڃان ٿو. (در بند ٿيڻ جو آواز).

ريکا : (پنهنجي من) جنهن خاندان جي عزت رکڻ لاءِ من هينرو دکي ٿو ٿئي، اُن جا ٿنيا تہ وڃن ٿا ڏہرا ۽ ڪمزور ٿيندا ..... ٻيو ڪوئي چاڙهو ڪونهي. بس مان ئي ڪا نوڪري ڪنديس. ها مان ئي ڪا نوڪري ڳولهي وٺان.

★★

(گجگوڙ، طوفان، برسات جو آواز، در تي کڙڪو)

چندر : ڪير آهي؟

ريکا : مان آهيان.

چندر : (در کولي) اڙي تون؟ ههڙيءَ برسات ۾ ڪيڏانهن ويئي هئينءَ؟

ريکا : هي آفيسر تہ پاڻ کي الاجي ڇا ٿا سمجهن. چون ٿا سنڌين کي نوڪريون ڏيئي مڪاني جنتا کي بيروزگار ڪيو اٿئون .....

چندر : اڇا، تہ راڻي صاحبان نوڪري ڳولهڻ ويئي هئي. پوءِ تو پلا آفيسر کي ڪهڙو جواب ڏنو.

ريکا : (جوش ۾) جواب ڇا ڏينديسانس. ڪانيءَ ڪانيءَ لڇ آهي. مون چيومانس توهان جي ماڻهن جي بي روزگاريءَ جو ڪارڻ اسين هرگز نہ آهيون. اسين سنڌي سڀ محنتي آهيون.

چندر : (کلي) اسين تہ برابر سندن بيروزگاريءَ جو ڪارڻ ناهيون. ليڪن هو بيروزگار آهن تہ سهين.

ريکا : اِلائي ڇو ٿيا آهن، سندن اهڙا نصيب آهن.

چندر : چري نصيب نصيب ڪجهہ ڪونهي. جا سماج شخصي ڇڙاپيٽي تي بيٺل آهي ان ۾ ماڻهو هڪ ٻئي تي ضرور ڏوهہ وجهندا. جيستائين اهڙو نظام قائم نہ ٿيو آهي، جنهن ۾ سرڪار هرڪنهن کي اَنُ، لَٽُو، اجهو ۽ روزگار ڏيڻ لاءِ ٻڌل رکي، تيستائين هي هڪ ٻئي خلاف ڪڙي ٽيل ڏڪار جي ديوار ڀِهندي ئي ڪين.

ريکا : مگر مون کي تہ هن وقت ڪيئن بہ نوڪري گهرجي ....

چندر : اڇا (ڪجهہ سوچي) انڌيريءَ ۾ هڪ سنڌيءَ گنجين جي فئڪٽري کولي آهي، پئڪنگہ لاءِ ڪي ڇالون بہ رکيون اٿس. اُن وٽ درخواست ڪڻي وڃ.

ريڪا: مئٽرڪ اِن لاءِ پاس ڪيم؟

چندر : (ٺٺوليءَ سان) اڇا، چڱو ڪپڙا بدلاءِ.

گوپ : پاپي، تون چانهہ پيئنديءَ؟

ريڪا : (پري کان) اِجها مان اچي ٿي ٺاهي وٺان.

گوپ : (فلڪ سان) مان اڄ فسڪلاس چانهہ ٺو پياريانءِ؟ تون بہ ياد ڪندينءَ، (چندر کي) پاڻو ڏاڍي برسات آهي، توهان بہ چانهہ پيئجو.

چندر : نہ نہ مون کي ضرورت ڪانهي. پر تون اڄ ڪالهہ پاپئين جي چڱي پيو خاطرداري ڪرين.

گوپ : پاپي آهي ئي اهڙي .....

ريڪا : سوچان ٿي ....

چندر : اڙي تو ڪپڙا بدلائي بہ ورتا! .....

ريڪا : تہ ڇا.

چندر : ها، سائين تون ڇا پيئي سوچين؟

ريڪا : سوچيان پيئي، هن نوڪري ڳولهڻ جي ڏهن ڏينهن اندر مون ايترا تہ بيروزگار، ايمپلائمينٽ ايڪسچينجہ ۾، رستن جي ڪنڊن وٽ ۽ فقيرن جي روپ ۾ ڏٺا آهن، جو لڳيم ٿو اسان جي سرڪار کي اگر انهن سڀني جو خدمتون حاصل ٿي وڃن تہ ملڪ ۾ بکہ ۽ غريبي

نالي کي بہ نہ رهي ....

چندر : اِها تہ صحيح ڳالهہ آهي، پر .....

ريکا : (خيالن ۾ کوهيل) تنهن ڏينهن پريل وٽان لنگهيس. اوهہ! برسات ويچارن جهوپڙين وارن سان ڇا تہ واڳا ڪيا آهن! منهنجي تہ نس نس ڪنبي ويئي. اِنسان ترقي ترقي پنهنجي آشيانن کي سرن درياءَ ڇيندو ڏسن ۽ ملڪ جي اميرن جي اِنسانيت اکيون ٻوٽي سمهي رهي!

چندر : ليڪن ريکا، جنجي اِنسانيت جاڳي اُٿندي آهي، اُهي ائين ڪين چوندا آهن تہ 'اسان جو ٻين جي زندگيءَ ۾ ڇا وڃي. هرڪو وڃي پنهنجا ڪرم ڀوڳي.'

ريکا : خبر ٿم مون کي .... شاديءَ رات اِهي اکر توهان کي چيا هئا. پر اڄ تہ زندگيءَ جي وهڪرن کي هيٺئن نالين ۾ سڪندو ڏسي، منهنجي دل دکہ ۽ پيڙا سان ڀرجي ويئي آهي.

چندر : ريکا، هرڪو سچ جو پانڌيئڙو ٻهرين ان دک جي نهائينءَ ۾ پچي ٿو. ڪيس شانتي تڏهن ٿي ملي، جڏهن هو خود زندگيءَ جي وهڪري کي نالين بدران ميدانن طرف ڦيرائڻ لاءِ، ڪجهہ ڪاريہ ڪري ٿو.

گوپ : وٺو ڀائو چانهہ .....

چندر : اڙي مون تہ توکي منع ڪئي هئي.

گوپ : اڄ منهنجي ناهيل چانهہ ضرور پيئو الاجي وري ڪڏهن پيئو الاجي نہ ....

چندر : (ڊگھو ساهه) هائو، وري الاجي پيئان الاجي نہ. سياڻي مل ۾ اسٽرائيڪ آهي. خبر ناهي سياڻي هن مهل ڪٿي هجبو.

ريکا : اهڙي ڳالهہ آهي؟ .... (چانهہ جو ڍڪ پيري) تڏهن تہ فئڪٽريءَ واري نوڪريءَ لاءِ بہ ڪوشش ڪري ڏسڻ کپيمر.

(چانهہ جي ڪوپن جي نڪ نڪ)

★★

(مالڪوس جا سر، سنجها جي ويلا)

راڌا : (سهڪندي) اڙي ريکا ويني آهين؟ تو وٽ تہ جڏهن اچ تڏهن هجين ئي ڪانہ .... ڳالهہ تہ ڪر، گهوٽهن جي مل ۾ اجا اسٽرائيڪ پوري ڪانہ ٿي آهي ڇا.

ريکا : آجا تہ ڪانہ ٿي آهي.

راڌا : تو لاءِ تہ جٽ ٿي. تون فئڪٽريءَ مان ڪهڙا لکہ آڻيندينءَ؟ گهوٽهن کي جو جيل ۾ وڌو اٿن تہ تنهنجو گذر تہ ڌاڍو ڏکيو ٿيندو هوندو.

ريکا : راڌا پيڻ، توکان ڇا لڪايان، تون تہ مون کي سڳيءَ ڀيڻ کان بہ وڌيڪ آهين. پر پيڻ حقيقت تہ اِها آهي تہ، اسان کي تہ رڳي لهس آئي آهي. اسٽرائيڪ سبب، سڀي تڪليف تہ مزدورن جي بستيءَ ۾ ننگو ناچ پيئي ڪري.

راڌا : ڇُئي تون ڏسي آئي آهين ڇا؟ ....

ريکا : ها، ڏسي آئي آهيان، (روئي ٿي) .....

راڌا : ڇُئي روئين ڇو ٿي؟ تنهنجو ڳهوٽ تہ حق طلبيندي جيل ويو آهي. ڏس ويهي تہ سنجها جو سائين ڪيئن ٿو ڪير جو ڪير، پاڻيءَ جو پاڻي ڪري ڏيکاري.

ريکا : (ڪلي) مون ڪي سندن جيل وڃڻ تي تہ ڏکُ ڪونہ ٿو ٿئي. آخر ڪي تہ بي زبانن جي زبان ٿيندا ئي. ليڪن هو هتي ناهي تہ مان پاڻ کي ڏاڍي اُباڻڪي ٿي محسوس ڪريان. اڄ ويچارو ڳوپ بہ وڃي منهنجي ڏير وٽ رهيو آهي. مان تہ بس، گهر ۾ گهڙنديءَ هيءَ سڄ ڏسي هپائجو وڃان.

راڌا : ڇري، چنتا نہ ڪر. رات جو مان اچي تو وٽ سمهنديس. پاڻ فرحت جي ننڊ ايندم. گهر ۾ ڪٿون بہ، تن تي سمهون سٽ ڇڏا.

ريکا : (ڪلي) تہ ضرور اچج. هينئر هل تہ هتان ڇوڪرين جي راڳن جي ڪلاس مان ٿي اچون.

راڌا : ڇونہ هلنديس. تنهن ڏينهن تو وٽ اچي بہ گهڙيون وينس تہ ڏاڍو رس آيو. اصلي ڇوان، ٽڪاڻي ۾ نہ وڃان .....

ريکا : تہ هل يلا ....

(راڳہ ڳائڻ جو آواز)

★★

(گھڙيال جا نو ٺڪاءُ)

ريکا : اُف، ڪيترو بہ سويل سنيرڻ شروع ڪجي تہ بہ نوَ لڳي ٿي ويندا۔

(در تي ٺڪ ٺڪ)

چندرماءُ : آئي ريکا! ريکا ويٺي آهين؟

ريکا : اچو امي .... ڪير؟ دادا پاپي بہ .... اچو اڄ سندر ننيڙو راجا (ٻار کي چمڻ جو آواز) صبح مرداني تڪليف ورتي اٿوَ.

ديوي : آهيو ماڻهو ڪين مڙون. شهر کو آڪاس پاتال تہ ڪونهي جو ڏيرم جي جيل وچڻ جو پتو بہ نہ ڏنو اٿيئي.

ريکا : امين!.....

چندرماءُ : ڏيءُ مان گهوري وڃانءُ ويچاري ڪيئن اڪيلي بن ۾ ويٺي آهي. هي منهنجا مالڪ.

ديوي : هي تہ ڏس، اڪيلو سڪيلو هرڪو پيو گذاري. پٽ جي چنتا ڪانہ ڪيئہ، اول ڪئي ننهن جي اڪيلائيءَ جي ڳالهہ.

ريکا : امي، گوپ هٽان تہ توهان کي سڀ ڪجهہ چوائي موڪليم ....

گلاب : اڙي مان تہ اڳيئي چوندو هومانس تہ اِهي

ماڻهن جا ڪم ڇڏي بزنيس ڪر بزنيس.

ديوي : (ريڪا کي) ڏس ته ڪيئن وينا عيش ڪريون. پنهنجي جاء، پنهنجو دڪان ... تو ۾ ئي ته تپڙ ڪونهي نه، سڪيءَ پڪيءَ تي هريل آهين ته مڙس کي وڌيڪ ڪمائڻ لاءِ چوين ئي ڪانه ٿي.

گلاب : (ديويءَ کي) سو تون سمجهين ٿي مان تنهنجي چوڻ ڪري ٿو ڪمايان.

چندرماءُ : اڙي پٽ هاڻي هتي نه جهڳڙو ڪريو.

ريڪا : امي هڪ ڪم ڪريو. توهين سڀ سچو ڏينهن هتي رهو. مان هڪ فئڪٽري ۾ نوڪري ڪندي آهيان. مون کي وچڻ ڏيو نه ته دير ٿي ويندي.

ماءُ : اڙي منيس، تون پيئي نوڪري ڪرين!!

گوپ : ته منهنجي اِسڪول جي في ۽ ڪتاب سڀ ريڪا ڀاڀي ئي ته وٺي ايندي آهي.

ريڪا : چڱو امي مان ڀلا وڃان؟

ديوي : سو آسين ٿا وهون؟ اِها سسٽين وهي ته وينې هجيئي. اسان کي سؤ ڪم ....

گلاب : اڙي وينيون ٻه هجو. مان شام جو پيڍيءَ تان موٽي گهر ايندس. توهين سڀ لوڪل ۾ چڙهي هليا اچجو.

ديوي : نه ڙي بابا. منهنجو ته هن ڀونگيءَ ۾ دم ٿو گهٽجي.

چندرماءُ : چڱو پٽ، مان ڏينهن ۾ هتي تي رهان.
ديوي : ها ها تون پلي رهينس. آسان ريڪا سان گڏ
ئي ڦا روانا ٿيون.
(در بند ٿيڻ جو آواز)
گوپ : اما، هي آيا هئا پائوء جي جيل وڃڻ جو پڇڻ؟
هون ....
چندرماءُ : پٽ، پاءُ پاجائي آهي، آخر ڏڪ نہ ٿيندن؟
گوپ : هون! دڪ تہ سندس پنجر تي بہ ڪونہ تي
ڏنو.

★★

(خوشيء جو سنگيت)
ريڪا : ونو هيء توهانجي دلپسند ٿوهر جي دال.
چندر : ۽ هي ڏڏ ۾ چا ناهيو اٿيئي.
ريڪا اوهاڙيل پٽاٽا ۽ ساوا مصالحا وجهي راڻتو ناهيو
اٿم.
چندر : ۽ هي تريل مڇي، سائين ڪيچا پاپڙ، پوري
محفل ڪئي اٿيئي!
ريڪا : اِسٽرائيڪ ڪامياب ويئي. توهين جيل مان
لاڏي ڪوڏي چٽي آيا، پوء پلا محفل چونہ ڪريان. (ٿورو
ترسي) جيل ۾ هي ڪاڌو تمان گهڻو ياد ايندو هوندو نہ؟
چندر : جيل ۾ تہ پئي ڪنهنجي ياد ايندي هئي.

ريکا : ڪنهن جي؟

چندر : هڪ ڏٺين آڳرين ۽ مرڪندڙ چهري واري اِستريءَ جي.

ريکا : اڇا؟

چندر : هوءَ اڪثر منهنجن خوابن ۾ هلي ايندي هئي. هڪ ڀيري هڪ فئڪٽريءَ مان ڪم ڪري ٿڪجي آيل اُن ناريءَ جي مکڙي تي پگهر جون بوندون پئي هيرن جيان چمڪيون.

ريکا : (کلي) ڪير هئي اُها؟

چندر : اُهائي ڪا پنهنجن پيرن تي بيٺل آزاد عورت .... مزو اِهو جو هُئي ڀيري ٻي هڪ خواب ۾ آئي. سدنس اڳيان ڪيترا ڪتاب رکيا هئا. آڌيءَ رات جي وڳڙي ۾ نور نچوئي، ڪجهه پڙهي رهي هئي.

ريکا : اُها پلا ڪير هئي؟

چندر : (چيڙائي) هئي ڪا، بس علم ۽ سوجهيءَ لاءِ پاڻ پتوريندڙ عورت .....

ريکا : (کل ڦٽي پيئي نکري ان کي دٻائي) پلا ٽين بہ ڪا عورت آئي توهان جي خوابن ۾؟

چندر : اِنهيءَ روپ راڻيءَ پنهنجين وڏين اکين جا چپر کولي چيو هو، مان پنهنجي جيون جوتيءَ سان پنهنجي هم جنس کي روشن ڪنديس.

ريکا : (ٽهڪ ڏيئي) آئي الا! ڪاڏو ٿي نري ويو. ڪاٿو

ته سهين.

(اوچتو دروازو ٺهه سان کلي پوي ٿو ۽ ماءُ واڪا ڪندي اچي)

چندرماءُ : اڙي چندر پٽ، پنهنجي پيءُ جو حال ته ڏس .....

چندر : ڇوا ڇو، ڇا ٿيو آهي؟

چندرماءُ : اڙي پٽ ستيا ٿي ناس ٿي ويئي آهي. ريکا ڏيءُ جهٽ ڪر، هنڌ ته پٿاري وٺ. منهنجو گلاب ويچارو سائو جهڙو هيڊ ٿي ويو آهي.

ديوي : اڙي پائو اصل هڪ ٿي ڏڪ سان بکاري ٿي پياسين. (روئي ٿي.)

چندر : پر اما آخر ڇا ٿيو آهي؟ ٻڌاءِ ....

چندر ماءُ : بس، پٽ انهيءَ ريشم جي گهٽا وڌيءَ ۾ منهنجو گلاب ويچارو ڇپجي ويو.

ديوي : مئا، اڄ ته ضبطي ڪري سڄو گهر ئي ٻهاري ڪٽي ويا.

ماءُ : اڙي ڏاڍي ويچاري ٻڪ ٻوڙ ڪئي پر وس ڪونه هليس. هاڻي ته اٿس رڳي اٽ ويهه ۽ گهڙيءَ گهڙيءَ پاڻيءَ جي پياس ... ڏس ته ڪيئن ويچارو سائو ٿي اچي ڪريو آهي.

گلاب : پاڻي ڏي، ديوي، پاڻي. چندر کهڙيون توکي ڳالهايون ٻڌايان. هنن شاهوڪارن مونکي وڏين مڇين

وانگر نيٺ ڳرڪائي ڇڏيو.
چندر : ڀائو، مان تہ توکي اڳيئي چوندو هوس تہ هي سوارٿي سرشتو ئي اهڙو آهي جنهن ۾ شاهوڪار ٻڻجي بہ سکي نہ ٿي سگھبو ...
گلاب : اڙي غريبي بہ تہ ذلت آهي.
چندر : غريب رهي غريبن جي آتما کي جاڳائي منجهن حق حاصل ڪرڻ جي شناس پيدا ڪرڻ سان ئي تہ ملڪ جو نيتارو ٿيندو.
گلاب : پر وڏا شاهوڪار تہ وڃن ڦاٿندا، رڳو اسين، وڃون ...
چندر : ڀائو، جيئن پوءِ تيئن شاهوڪار وڃن ٿورا ٿيندا ۽ غريب وڃن گهڻا ٿيندا تيئن هن سوارٿي سرشتي جو انت بہ وڃي ويجهو پوندو. سو اڄ نہ سڀاڻ اُن جون سڙيل ديوارون ضرور ڪرنديون ۽ اُها سماج ڪڙي ٿيندي، جنهن ۾ هرڪو انسان رواجي محنت سان ئي سکي زندگي گهاري سگهندو ۽ هن جو آئيندو محفوظ رهندو ...
گلاب : شل تنهنجي اهڙي سماج جلد ڪڙي ٿئي. اڙي ڪيڏي هڻ پڇاڙ ڪري جنهن ڏاڪڻ تي پئي چڙهيس، سا ڏاڪڻ ئي اڄ پٽ پيئي.
چندر ماءُ : روئين ٿو پٽ! مرد ڪيئن رئندا، بس ڪر بس ڪر. مصيبتون مردن تي ئي اينديون آهن. ڳالهہ ئي وساري ڇڏ. هلو ٻچا ريکا ۽ چندر. توهين بہ وڃي آرام ڪريو.

(هلڻ جو آواز - در بند ڪرڻ جو آواز)
چندر : هيڏانهن هتي اچي ويهه ريکا.
ريکا : هون.
چندر : ڇا پيئي سوچين؟
ريکا : سمجهه ۾ ئي نٿو اچي تہ گلاب دادا ۽ توهين هڪ ٻئي کان ايترو نرالا ڇو آهيو؟
چندر : اهو اسان جي ڪٽنب جي دکن جو داستان آهي.
ريکا : مان رڳو سکميہ کهاڻيون ٻڌڻ لاءِ تہ ڪانہ جائي آهيان.
چندر : (ڏگهو ساهہ کڻي) سالن جي جهوني ڪهاڻي آهي. اسين ان وقت تمام غريب هئاسين. اسان کي پنهنجي ننڍڙي تمنا پوري ڪرڻ لاءِ خوب ڇڪري ڪائڻي پوندي هئي. سکولي جيوت ۾ ان ويڙهہ جهيڙ دماغي روپ ورتو. مان پهرين نمبر اچڻ لاءِ بازي لڳائيندو هوس ۽ گلاب جو مون کان بدن ۾ سگهارو هو، سو وري ويڙهو ڇوڪرين جو سردار ٿي پيو ۽ ان کانپوءِ هڪ اهڙو واقعو پيش آيو، جو اسان جو رهيو کهيو ڀاراڻو هوش بہ اُڏامي ويو ....
ريکا : ٻڌايو نہ اهو واقعو بہ ....
چندر : (شوڪاري سان) هڪ ڏينهن پاروتي ڪڇڻيءَ لاءِ ايترو وڙهياسين جو گلاب جي خميس، جا هو روز اِسڪول پائي ويندو هو، سا بہ ڦاٽي پيئي. هو هڪ گول چنبو ناهي، منهنجي اکہ کڍڻ لاءِ وڌيو. بکہ اسان کي اندو

ڪري ڇڏيو هو. اما، جا اسان کي ڇڏائڻ لاءِ آئي سا ڏون وجي پٽ تي ڪري. ڪٽ جو پائو لڳڻ سبب سندس نرڙ مان رت ريلا ڪري وهڻ لڳو. هوءَ ساري رات بيهوش پيئي هئي. اسان خوب رنو. مون گلاب جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، 'اسين غريب آهيون تڏهين تہ وڙهون ٿا.'

ريکا : گلاب دادا ان تي ڇا چيو؟

چندر : گلاب! انهيءَ چيو، 'چندر هن ڪانپوءِ ڏسج، مان چوري ڪندس، ڌاڙو هڻندس پر غريب اصل نہ رهندس.' مان سوچڻ لڳس بہ انسان کي حيوان بڻائي ٿي تہ پوءِ اها بہ چو نلي صفح هستيءَ تان ئي مٽجي وجي! منهنجي سنگت اهڙين ڇوڪرن سان ٿيڻ لڳي، جيڪي پراڻن ڪپڙن ۾ سڪول منجهہ ايندا هئا، پر روشن دماغ هئا. سڪول منجهہ فيز گهٽائڻ لاءِ هڙتالون ڪيوسين. وڏا ٿياسين تہ ڪانگريس ۾ گهڙي انگريز سرڪار سان ٽڪر ڪاڏوسين، جيل پوگياسين. ديس آزاد ٿيو پر بہ ياڳا ٿي ويو. لڏپلاڻ ٿي. اسان جا ٻار سڪول ۾ پڙهڻ بدران ريل ۾ ڪٽمنڙا وڪڻڻ لڳا، ڪئين لاڏليون هٿن تي ميندي لڳڻ کان محروم رهي ڪئمپن جي نلن تي گهاگهريون ڪٽي قطارون ٻڌڻ لڳيون، ڪئين ريکائون ماتاپڻ جي مامتا کي دہائي ڪنهن سهاوني صبح لاءِ تڙقنديون رهيون .... (دکہ جو سنگيت)

ريکا : (دکي) بس بس ساري درگتي ڏسي چڪي آهيان.

چندر : انهن حالتن سبب ئي اسان جي ٽوليءَ جي هرهڪ جوان اهو نسچو ڪري ڇڏيو تہ پنهنجي حياتيءَ جو هرهڪ منٽ انسان ذات جي شيوا لاءِ ڪتب آڻبو ۽ ملڪ کي سرسبز آباد ڪبو. جيسين بکن ڏکن کان آزادي نہ ملي آهي، تيسين سک نہ سمهبو.

ريکا : (ڊگهو ساهہ) اُف! مان بہ ڪا ڳهيلي هئس جو توهان جي ايرنديءَ کان الهندي تائين بي چئن زندگيءَ مان چئن جي اهلاڪا ڪندي رهيس. ڪنهن وقت تہ ائين بہ سوچيو هوندم تہ توهان وٽ دل ئي ڪانهي ....

چندر : اڇا؟ ۽ هاڻي ڇا ٿي سمجهين؟

ريکا : توهان وٽ دل آهي ۽ اها آهي سوني دل.

چندر : پڳلي.

(شهنائيءَ جو آواز)